سنڌي ساهت

۽

مشهور مستشرقين

از:

حبيب الله مولا بخش ڀٽو

مسڪين پبليڪيشن،

پرانو مارڪيٽ،

شڪارپور سنڌ

حبیب الله پڅو

"مسڪين پبليڪيشن" جي ٻهرين پيشڪش ۔

سنڌي ساهت

۽

مشهور مستشرقين

Sindhi Literature
AND
Famous Orientalists.

دفعو : ٻهريون ۔ ڪاپيون : هڪ هزار ۔

ماهه مارچ سن ١٩٧٣ع ۔

مصنف جا سڀ حق واسطا قائم ۔

قيمت :- اڍائي رپيا ۔

مصنف :-
حبيب الله مؤلا بخش ڀٽو ۔

پنھنجي ننڍي ڀاءُ ۽ سڀاجھي ساٿي:
عنايت الله ڀٽو مرحوم جـــي ڏالي سان،
جيڪو ١٧- مارچ ١٩٧٢ع، مطابق ١- صفر،
سن ١٣٩٢ هه، جمع ڏينهن صبح جـــو،
اوچتو ئي اوچتو ۽ سواءِ ڪجهه چوڻ آکڻ
۽ ٻڌائڻ سڌائڻ جي، زندگيءَ جي ٻواٽي
ٽان، زور سان اسان کان هٿ ڇڏائي ۽
اسان کي هميشه جو ڏهاڳـ ڏيئي، پاڻ
وڃي ابدي ننڊ سان آرامي ٿيو!

غم-زده:
(حبيب الله ڀٽو)

تقريظ (۱)

"سنڌي ساھت ۽ مشھور مستشرقين" جي عنوان سان لکيل ھي ننڍڙو ڪتاب مون پڙھي ڏٺو آھي. ھيءُ ڪارگر ڪتاب منھنجي شھر جي ھڪ ڪھنه مشق ۽ باعلم اديب: محترم ماستر حبيب الله پنو صاحب شڪارپوريءَ جي بار آور ڪاوشن جو نتيجو آھي.

سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ اوائلي دؤرن بابت ھي لکيل ڪتاب منھنجي نظرن مان گذريا آھن، تن جي صف ۾ اول ۾ ھن ننڍڙي شاھڪار کي جاءِ ڏجي ته بي جاءِ نه ٿيندو. ڪتاب جي لکڻي درست، سليس ۽ سلوڻي آھي. لکندڙ جي محنت ۽ ترتيب قابل داد آھي ۽ پڙھندڙن لاءِ ضرور سود مند ثابت ٿيندي. ھن قسم جا درسي ڪتاب جيڪڏھن اسانجي ٻچن کي بي-اي ۽ ايم-اي ڪلاسن ۾ پڙھايا وڃن، ته ڏاڍو چڱو ٿئي، ڇو ته اھڙن ڪتابن جي مطالع بعد ئي ڪين پنھنجي مٺڙي ۽ وسيع ٻوليءَ جي اصليت ۽ اھميت سان واقفيت ٿيندي ۽ ڪين پنھنجي سنڌي ٻوليءَ جي ھمدرد ۽ خدمتگار اديبن جي ھڙ چاڙ ملندي.

مان محترم حبيب الله صاحب کي سنڌس ھن بيش

ھن محنت تي "مبارڪ باد" پيش ڪندي کيس يقين ٿو ڏياريان، تہ ھر با علم سنڌي خصوصاً ۽ ٻيا اھل علم عموماً، سنڌس مطالع، کوجنا ۽ ڪاوش کي ھڪ قومي ۽ علمي خدمت سمجھندا ۽ اُن جو قدر ڪندا.

عبدالنبي آغا (عليگ)

(رٽائرڊ ڪمشنر ۽ ميمبر سنڌي ادبي بورڊ)

آغا ولا، شڪارپور، سنڌ

٩-٩-١٩٧٢ع

تقريظ (٢)

سنڌي زبان، ادب ۽ سنڌ جي تاريخ تي پنهنجن ڌراون پڻ لکيو آهي. سنڌ جي سباجهي ٻولي ۽ سدا سونهاري سر زمين ۾ اهڙي تہ قربائتي ڪشش رهي آهي، جو پرڏيهي عالم ۽ اديب بہ ان جو اونهو اڀياس ڪري، انکي عام آڏو آڇيندا رهيا آهن. جڏهن کان سنڌ جي تاريخ جا اهڃاڻ ۽ آثار ملن ٿا، ان وقت کان پرڏيهي عالمن، اديبن ۽ سياحن جا بيان، سنڌ جي زبان، ادب، ثقافت ۽ تاريخ تي روشني وجهن ٿا. بلڪ سنڌ جي تاريخ جون اهم ڪڙيون اسان انهن جي بيانن ذريعي ئي ملائي سگهون ٿا. ان سلسلي ۾ چيني سياح: 'هيون تسانگ' جو نالو بہ قابل ذڪر آهي، تہ عرب سياحن: ابن حوقل، بشاري ۽ مقوسي وغيره جا نالا بہ اهم آهن.

پوئين دؤر ۾ يورپ جي عالمن ۽ اديبن جي آمد ٿي. انهن بہ هن باره ۾ پاڻ موکيو ۽ سنڌ جي نمڪ جو حق ادا ڪيو. هنن سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت بہ کوجنا ڪئي، تہ سنڌي زبان جي اصل نسل، بڻ بنياد ۽ فطرت ۽ مزاج جو بہ تجزيو ڪيو. جيتوڻيڪ ڪيترن هنڌن تي ٿاپو بہ کاڌو اٿن، ان هوندي بہ کين جس آهي، جو پرائي ٻوليءَ ۾ ايڏي دلچسپي ورتائون ۽ ان تان ورهين جي لٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪيائون، بلڪ اسانجون اکيون کولي اسانکي گويا دڳ لاتائون!

ضرورت آهي، تہ انھن ٻرڊيهي ٻارڪن تي ڪتاب لکيا وڃن، جن ۾ سندن سوانح عمريون بہ هجن، تہ سندن ڪوششن ۽ ڪارنامن جو تفصيل ۽ تجزيو بہ هجي. انهيءَ وڏي علمي ضرورت جي هڪ حصي کي اسانجي ڪهنہ مشق اديب: محترم حبيب الله ملا بخش پنهور هي ڪتاب لکي پورو ڪيو آهي. ڪتاب تي ڪافي محنت ٿيل آهي. منڍ ۾ مفيد تمهيد آهي، جنهن ۾ تاريخي پس منظر پيش ڪيو ويو آهي، ۽ ٻرڊيهي ٻارڪن جي ڪارنامن تي بہ روشني وجهڻ ۾ آئي آهي. ان کانپوءِ پيش لفظ ۾ اصل ڪتاب شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ جاءِ وقوع سان گڏ، مستشرقين جون سوانح عمريون بہ ڏنل آهن، تہ انهن جي ڪتابن جو احوال بہ ڏنو ويو آهي. مطلب تہ موضوع جي هر پهلوءَ تي مفيد معلومات مهيا ڪئي وئي آهي.

هي ڪتاب انهن نون سنڌين جي لاءِ هڪ نصيحت جو موجب آهي، جيڪي اسان جا هم مذهب هوندي بہ، اسانجي زبان کان ونئن ٿا وڃن ۽ هوڏانهن ست سمنڊ پار رهندڙ، غير مذهب ۽ حاڪمن جا نمائندا آهن، جهڙڪي اسانجي ٻوليءَ لاءِ هيترو ڪجهہ ڪري ويا آهن، پر هي گڏ رهندي بہ اسان جي ٻوليءَ تي ڪوهنا ڪرڻ تہ پري رهيو، پر انکي سکڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن: خدا کين ساڃاهہ ڏيندو.

(پروفيسر) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سکر، سنڌ:

٣-١٢-١٩٧٢ع.

تعارف

محترم حبيب الله ڀٽو سنڌ جو هڪ ڪهنه مشق نثر نويس آهي. مختلف علمي، ادبي ۽ ثقافتي موضوعن تي موصوف جون ڪاوشون، عوام خواهه خواص کان، داد. تحسين وصول ڪري چڪيون آهن. سندس تازه تحقيقي ڪارنامو ”سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين“ جو مسودو سرسري مطالع هيٺ آيو. هن ڪتاب ۾ اُن اهڙن ڌارين محققن جو ذڪر ڪيل آهي، جن سنڌي ساهت جي وڏي خدمت ڪئي هئي. اهڙا لعل هاڙي ڪٽي ٽا ليِن ۽ ڀٽو صاحب انهن کي ونڊڻ ۾ هڪ مشاق وينجهار جهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن لاءِ هن کيرون لهڻيون.

هيءُ ڪتاب هڪ نئين موضوع تي بحث جا دروازا ٻڻ کولي سگهي ٿو: انگريز هتي حڪومت ڪرڻ جي ارادي سان سنڌي سکندا هئا. اها سنڌي ٻوليءَ جي برڪت ۽ ڪشش ۽ انجي همه گيري هئي، جيڪا هننکي علم ادب جي پڙهڻ، سمجهڻ، سکڻ ۽ لکڻ طرف مائل ڪندي هئي. هنن کي معلوم هو تہ ڪهن هتان آهر هلڻو وڃڻو آهي، تڏهن بہ هو سنڌي ساهت جي سنڌ

مان پنهنجي علمي اُڄ لاهيندا ويا!

غور ڪريو ته انهن جا اسان سان علمي ناتا هئا، نه ثقافتي سنبنڌ، نه هو اسان جا هم مذهب هئا ۽ نه هم زبان، ان هوندي به بنا تعصب جي اسان جي مٺي ٻولي سکيائون ۽ ان جي علم و ادب کي دنيا ۾ پڌرو ڪيائون! انهن جي برعڪس هڪڙي قوم اها آهي، جيڪا پاڪ مسلمان ۽ مهذب سڏائيندي تڪجي ئي نٿي، ٻر باب الاسلام جي هم مذهب، سباجهڙن کي نه پنهنجو سمجهي سگهي آهي ۽ نه انهن جي ٻوليءَ سان ئي ڪو انس اٿن! ان پس منظر ۾ هن ڪتاب جي اهميت پاڻ دوبالا ٿي وڃي ٿي. جت هي ڪتاب سنڌي جي مستشرقين کي بخوبي متعارف ڪرائي ٿو، اتي سنڌيءَ جي مخالفن، متعصبن ۽ پنهنجي اُڌاري ورتل تهذيب تي بيجاء ناز ڪندڙن لاءِ تازيانهء عبرت پڻ آهي: چولتا اُهي به اهڙي خدمت ڪن، جڏهن سنڌ جي مقدس سر زمين انهن جي به پالنا ڪري ٿي؟

بشير احمد موريائي.
بي-سي-ايس

شڪارپور، سنڌ.
۷-۱۱-۱۹۷۲ع

بسم الله الرحمن الرحيم

تمهيد

برِ صغير هندو پاڪ ۾ انگريزن جي آمد، مغل شهنشاهه "جهانگير" (١٦٠٥-١٦٢٧ع) جي وقت ۾ ٿي، جڏهن انگلنڊ جي تاجدار "جيمس پهرين" پاران، سن ١٦١٥ع ۾ "سر ٿامس رو"، هنجي دربار ۾، انگريزن جو پهريون ايلچي ٿي آيو ۽ هنجي عرض تي ئي، انگلنڊ جي "ايسٽ انڊيا ڪمپني" کي، هندستان سان واپار ڪرڻ جي اجازت حاصل ٿي، جا ڪمپني سنه ١٦٠٠ع ۾ برطانيه جي راڻي "ايلزبيٿ اول" جي منظوريءَ سان، هن نندي ڪنب مان، لچ ۽ فرينچ واپارين کي تڙي ڪيڻ لاءِ قائم ڪرڻ ۾ آئي هئي.

ٿوري وقت ڪانپوءِ، انگريزن جي هن خالص تجارتي اداري، ملڪ اندر ايترو ته زور ورتو، جو مغل شهنشاهه "محي الدين اورنگزيب عالمگير" (١٦٥٨-١٧٠٧ع) جي وفات ڪانپوءِ، انجي پوين جي ڪمزوري ۽ تن آسانيءَ جو ناجائز فائدو وٺندي، هن سنڌ علائقي ڪانسواءِ، لڳ ڀڳ سڄي ملڪ تي پنهنجو قبضو ڪري ورتو هو ۽ انجي پاران، هن خطي تي، باقاعدي گورنر جنرل وغيره مقرر ٿي اچڻ لڳا هئا!

انگريزن جي اچڻ وقت، بر- صغير جي سرڪاري ۽ دفتري زبان 'ڦارسي' هئي ۽ حڪومت جو سارو ڪاروبار ان زبان ۾ ٿيندو هو، پر عام ماڻهن جي رابطي جي زبان 'اردو' هئي، جيڪا مغل شهنشاهه: "جلال الدين اڪبر" جي ڏينهن ۾ هندو- مسلمان فوجين جي ڇانوڻين اندر، هندي ۽ عربي- ڦارسي زبانن جي ملاوٽ ۽ آميزش سان، رواج هيٺ اچي چڪي هئي. ڦارسي زبان ۾ لشڪر کي جنن ته 'اردو' سڏيو ويندو آهي، انڪري ان زبان تي نالو به اهوئي پئجي ويو!

هيءَ حقيقت معلوم ڪري، انگريزن، ملڪ جي ماڻهن سان قريبي تعلق ۽ لاڳاپي قائم ڪرڻ لاءِ، انهن جي زبان کي سمجهڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ان لاءِ، سڀ کان اول، انهن مشهور انگريز تعليمي ماهر: "سر جان گلڪرائيسٽ" جي مدد ۽ تعاون سان، ڪلڪتي ۾ 'فورٽ وليم ڪاليج' قائم ڪيو ۽ انوقت انجو ٻيو ساٿي ۽ مددگار، هڪ ٻيو مشهور معروف انگريز عالم ۽ محقق: "مسٽر ايم- ڪرلو" هو ۽ انهن آخر، پنهنجي اڻٿڪ ڪوشش سان، اردو زبان کي، ملڪ ۾ اهڙي حيثيت جو مالڪ بڻايو، جهڙي حيثيت، يورپ کنڊ ۾، فرينچ ٻوليءَ کي حاصل هئي!

آخر، هندستان جي حڪمران: "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي گورنر جنرل: لارڊ وليم بينٽنڪ (١٨٢٨-٣٥ع)، سن ١٨٣٥ع ۾، ٻيون دفعو، اردو زبان کي، ملڪ جي لاءِ،

تعليمي ۽ سرڪاري زبان ۽ ذريعهٔ تعليم جو درجو ڏنو! انوقت هندستان جو تختگاهه 'ڪلڪتي' ۾ قائم ٿيل هو. انڪانپوءِ، سن ۱۸۶۳ع تائين، انگريزي، سائنس ۽ ٻين ڪيترن علمن جا گهڻيئي ڪتاب، اردوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ آيا ۽ ان دؤر ۾، اُردوءَ کي اهڙي اهميت حاصل ٿي جو ان ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن جا اڌو اڌ خريدار، انگريز هوندا هئا ۽ خود تاجدارِ برطانيه: "مهاراڻي وڪٽوريا"، اردوءَ ۾ ايتري مهارت حاصل ڪري ورتي هئي، جو هوءَ پنهنجي روزانه ڊائري ۽ ڪارگذاري، اردوءَ ۾ لکندي هئي!

اردو زبان ۾، تناسب جي لحاظ کان، ۴۵- سيڪڙو عربي ۽ ۴۰- فيصد پارسيءَ جا الفاظ شامل ٿيل آهن، پر اسان کي عجب ۽ حيرت جي هيءَ ڳالهه نظر اچي ٿي، ته عرب ۽ ايران جا؛ جنجو انگريزن جي مقابلي ۾، اسان سان مذهبي، سياسي ۽ ثقافتي نقطهٔ نگاهه کان گهڻو ويجهو ۽ قريبي تعلق ۽ واسطو پئي رهيو آهي؛ ڪي به اهڙا عالم ۽ شاعر نٿا ملن، جن پنهنجي ٻولين جي الفاظ جي مدد سان، هن نئين وجود ۾ آيل زبان ۾ ڪو شعر چيو هجي يا انجي نثر ۾ ڪو اهڙو شهپارو پنهنجي پوئتان ڇڏيو هجي، جنهنکي مثال طور هتي پيش ڪري سگهجي، پر انجي برعڪس انگريزن مان ڪوئيس ڪونيلس 'فراسو'، بي-ڊي-مانٽروز 'مضطر'، باٽر ليمو گارڊنر 'صبر'، رابرٽ گارڊنر 'اسبق'، اليگزينڊر

هيرلڊ 'آزاد'، آگسٽن - بي - ساويرا 'مفتون'، جارج - برنس 'شور' ۽ جوسف 'عاشق' وغيره جهڙا بلند پايه اردو جا 'غزلگو' شاعر ۽ ديوان جا صاحب پيدا ٿيا، جنهن جو اردو شعر، جيڪڏهن انهن جي چوندن جي نالن معلوم ڪرڻ کانسواءِ ويهي پڙهبو يا انهن جو شعر اردوءَ جي ماڪي سخن ۽ اعليٰ غزل چوندڙ شاعرن سان گڏ پيش ڪيو ويندو، ته ڪنهن کي به هي هرگز معلوم نه ٿيندو ۽ نه وري ٿوري وقت لاءِ هي خيال ۽ ذهن ۾ ايندو، ته هي شعر ڪو اصل ۾ اهڙن ماڻهن جو چيل آهي، جنهن جي 'مادري - زبان' اردو نه آهي!

شعر و شاعريءَ کان علاوه، انهن ماڻهن "اردو نثر" جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ به بيش بها خدمتون بجاءِ آنديون هيون؛ مثال طور: ڪئنلر نالي پروشيا جي هڪ رهواسي، سن ١٧١٦ع ۾، لاطيني زبان ۾، اردوءَ جي لغت لکي ظاهر ڪئي هئي! اهڙيءَ طرح اولهه - يورپ جي ملڪ: 'پورچوگال' جي دارالحڪومت: 'لزبن' ۾، انوقت اردوءَ جي قاعدي جو هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو ۽ ان نموني فرانس جو هڪ جڳ مشهور عالم ۽ مفڪر: "گارسان دتاسي"، اردو جو وري اهڙو ته پرستار هوندو هو، جو هميشه پنهنجي خط و ڪتابت ان ئي زبان ۾ ڪندو رهندو هو! اسان کي هڪ ٻيو انگريز ايس-ڊبليو-بٽلر به ملي ٿو، جنهن جو تخلص 'عابد' هو ۽ اهو اردوءَ ۾ هڪ ڪامياب 'رباعي گو' شاعر هو!

اسان جي ھن ھيڏي ساري تمهيد جو مکيہ مقصد ھيءُ آھي، تہ دنيا جي ڪنھن بہ ٻوليءَ تي، ڪنھن خاص قوم، گروھہ يا قبيلہ جو ڪو تسلط يا قبضو قائم ٿي نٿو سگھي ۽ نہ ان باري ۾ وري ڪنھن خاص طبقي يا حلقي کي، ڪنھن زبان تي ھڪ ھٽي يا اجارہ داري حاصل ٿي سگھي ٿي ۽ نہ اھا ڪنھن خصوصي ورثو يا ميراث آھي ۽ اھا حقيقت عين اسلام جي بنيادي اصولن مطابق آھي، جنھنجي نبيءِ اڪرم سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ (صلي اللہ عليہ وسلم) جن جي ھاران فرمايو ويو آھي تہ: ”اُطلبو العلم ولوکان بالصين“ (يعني علم حاصل ڪريو، ڀلي ان لاءِ اوھانکي ’چين‘ وڃڻو پوي!)۔

جيڪڏھن (خدانخواستہ) ڪنھن زبان تي، ھڪ خاص قوم يا قبيلي کي قابض ڪري سمجھيو وڃي ھا، تہ پوءِ ”قرآن ڪريم“- جو عربي زبان ۾ انسانذات جي فلاح و بهبود ۽ عقل و دانش لاءِ نازل ڪرڻ ۾ آيو آھي- فقط عرب مسلمانن جو ورثو ۽ سرمايو ٿي رھي ھا ۽ ان مان دنيا ۽ ڪائنات جي ٻي مخلوق ڪوبہ فائدو حاصل ڪري نہ سگھي ھا، پر حقيقت انجي ابتڙ آھي ۽ دنيا جو ڪوبہ ماڻھو ۽ قبيلو، بنا ڪنھن تفريق ۽ امتياز جي، ان مان استفادو ڪري ۽ ان تي عمل پيرا ٿي، پنھنجا پيٽي جھان پوريءَ طرح سنواري ۽ سينگاري سگھي ٿو!

ھن مان نسبو، تہ انگريزن ۽ يورپ ڪنب جي ٻين

عالمن، بر- صغير ۾ 'اردو' جي سرپرستي قبول ڪرڻ ۽
ان ۾ اعليٰ درجي جي مهارت ۽ قابليت حاصل ڪرڻ
ڪانپوءِ، هي هرگز محسوس نه ڪيو، ته هو ائين ڪرڻ
سان گويا پنهنجي "مادري - زبان" کي ڪو نقصان رسائي
رهيا آهن، بر انجي برعڪس اسان ڏٺو، ته انهن "جهڙو
ديس، تهڙو ويس" جي مقولي مطابق، هن ملڪ جي انهن
زبانن جي پڻ باريڪ بينيءَ سان تحقيق ۽ تدقيق ڪئي،
جي اڄ تائين لکڻ ۽ پڙهڻ جي لائق به ڪين نه سگهيون
آهن ۽ انهن جو دائرو اڄ به، فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ تائين
محدود ڏسڻ ۾ اچي ٿو! هنن حقائق سبب، انهن جڻ
انهن ديسي ماڻهن کي پنهنجو دوست ۽ گرويده بڻائي ڇڏيو
هو، ايتريقدر جو اسان جا صاف دل ۽ سادا سودا ملڪي
ماڻهو، انهن کي پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو ڏسي، انهن کي
پنهنجو ڪري سمجهندا هئا، جنهن سبب انهن جي
حڪومت ۽ مادري زبان کي، هن بر- صغير ۾، ڪيتري
وقت تائين ڪو خوف ۽ خطرو لاحق ٿي ڪين سگهيو!

انهن، هن زبان کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ، رايل
ايشيا ٽڪ سوسائٽي، بنگال؛ امپيريل ايشياٽڪ رويو ۽
رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، گريٽ برٽن ۽ آئرلنڊ؛ وغيره
نالن سان ڪي اشاعتي ادارا پڻ قائم ڪيا هئا، جن جي
جريدن ۾، انهن جا وقت بوقت، هن زبان متعلق تحقيقي
۽ تعميري مضامين پڻ شايع ٿيندا رهندا هئا.

اسان کي خبر آهي، ته ڪي هندستان ۽ انگريزن

جي حڪومت وقت، هندن جي گھڻائيءَ وارن صوبن جي
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اتيجي مسلمانن کي، انگريزي ۽
اردوءَ کان علاوه، هندي ۽ ٻين صوبائي ٻولين جي پڻ
لازمي طور تي تعليم ڏيڻ ۾ ايندي هئي ۽ انهن مختلف
صوبائي زبانن جا به باقاعدي امتحان وٺڻ ۾ ايندا هئا ۽
انهن جي سکڻ ڪانسواءِ چڻ تہ، اتيجي رهواسين جي
تعليم اڌوري سمجھڻ ۾ ايندي هئي ۽ انهن کي، انهن
زبانن جي پڙهڻ ۽ امتحان پاس ڪرڻ ڪانسواءِ، ڪنهن
به تعليمي اهليت جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ ۾ ڪين ايندو
هو! اسان ڏٺو، تہ ان حالت ۾ بہ، انوقت هندستان اندر
رائج ٿيل ۽ رواج ۾ آيل ڪنهن به مقامي ٻوليءَ کي
نقصان پهچي ڪين سگھيو، پر هينئر اتيجا آيل همراهہ
هتي، سنڌي ٻوليءَ کي 'هندي' ۽ ٻين هندستاني ٻولين
جي حيثيت ۾ به پڙهڻ لاءِ تيار نٿا ڏسجن، گويا ائين
ڪرڻ سان هو پنهنجي لاءِ هڪ عار ۽ عيب سمجھي
رهيا آهن!

حقيقت ۾، دنيا جي ڪنهن به ٻي ٻولي سکڻ سان،
ماڻهو پنهنجي 'مادري-زبان' کي ڪوبہ ڇيهو رسائي نٿو
سگھي، پر ٻاڻ ائين ڪرڻ سان، هو ان ٻولي ڳالهائيندڙن
جي دلين ۾، پنهنجي لاءِ، هڪ خاص مقام سو ضرور
حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ انجي ابتڙ ڪنهن ٻي ٻوليءَ
سان تعصب واري هلت هلڻ سان، ان مان جيڪي اُگرا
نتيجا نڪرن ٿا، تنجي هتي ذڪر ڪرڻ جي ڪا

ضرورت ڪانہ آهي، ڇو تہ اِنهن ڪان هر ذي فهم باشندو،
ٻوليءَ طرح واقف آهي.

ٻر-صغير ۾ سڀ کان پهريون علائقو "سنڌ" هو،
جنهنکي انگريزن، سن ١٨٤٣ع ۾ فتح ڪري، پنهنجي
حڪومت سان لڳائي ڇڏيو هو! انگريزن هتي اچڻ کان
هڪدم پوءِ، پنهنجي پراڻي فطرت ۽ اصولڪي عادت
مطابق، هن صوبي جي ديسي زبان: "سنڌي" ڏانهن
توجہ ڏنو ۽ انجي ادب، تاريخ، تمدن، تهذيب، جاگرافي،
ثقافت، معاشرت، صوتيات، ارضيات ۽ اقتصاديات وغيره
تي گهري تحقيق ڪئي ۽ انهن تي اهڙا تہ شاندار ۽
گرانمايہ ڪتاب لکيا، جو جنکي اڄ بہ اسين- صحيح معنيٰ
۾- پنهنجي ٻوليءَ جو "سنگ-ميل" سڏي ۽ سمجهي
سگهون ٿا! نہ فقط ايترو، پر انهن هن علائقي جي مختلف
۽ جدا جدا رسم الخط کي يڪجاءِ ڪرڻ ۽ انهن کي
هڪجهڙي صورت ڏيڻ لاءِ، هڪ مستقل الف-ب ۽
رسم الخط کي ٻڻ وجود ۾ آندو ۽ ان کي پنهنجي مسلسل
ڪوشش سان ايتريقدر تہ زور وٺرايو، جو اها جلد، ساري
صوبي ۾، اڳوڻي پارسي زبان جي بجاءِ، سرڪاري ۽ دفتري
زبان بڻجي ويئي ۽ لوهي پريس جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ،
ان ۾، هر علم ۽ صنف تي، بي شمار ڪتاب ڇپجي
ظاهر ٿيڻ لڳا!

انهن انگريز مستشرقين مان ڪيترا سرڪاري ملازم
هئا، جنکي پنهنجي نوڪريءَ جي معياد پوري ڪرڻ

کانپوءِ وري بہ پنھنجي وطن ورڻو ھو ۽ انھن کي ڪڏھن
بہ ھتي سدائين سي رھڻ لاءِ ڪو ذري جيترو خيال ۽
تصور بہ ڪونہ ھو ۽ نہ وري اھي ھن ملڪ کي پنھنجو
ڪو دائمي ديس بڻائي چڪا ھئا، پر ان ھوندي بہ
انھن جون ھوڙيون ۽ ھيڏيون ڪوششون، ڪيڏيون نہ
تعصب کان خالي ۽ حقيقت تي مبني نظر ۾ اچڻ ٿيون!

انگريزن جي شروعاتي دؤر ۾، سنڌ جي ھندن،
جيتوڻيڪ ھن ڳالھ جي گھڻيئي ڪوشش ڪئي، تہ
سنڌي-زبان، ”ديو ناگري-لپيءَ“ ۾ لکي وڃي، پر انھن
جي ان چال ۾ ناڪامياب ٿيڻ کانپوءِ، اسان ڏٺو، تہ
انھن پڻ ھن علائقي جي مسلمانن سان گڏجي، سنڌي زبان
کي، پنھنجي عملي ۽ مثبت ڪردار سان- ھڙئون ۽ وڙئون
ڏيئي- ھڪ وڏي منزل ۽ اعليٰ اوج تي پھچايو ۽ اڄ
بہ اھي، ھندستان يا ٻين جن ملڪن ۾ رھندڙ ۽ وڻج
واپار ڪندڙ آھن، پنھنجي وس ۽ طاقت آھر، ھرممڪن
طريقا اختيار ڪري، پنھنجي اصلي ديس جي سڀاجھڙي
زبان کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ ۾، پنھنجي وسون ڪين
ٿا گھٽائين ۽ پنھنجي ٻارن کي بہ ان ٻوليءَ ۾ ئي تعليم
ڏياريندا رھن ٿا! ھنن ۽ مٿي ذڪر ڪيل ٽرين جي
درميان، نيت ۽ عمل جو، ڪيڏو نہ فرق ۽ تضاد موجود
آھي!

مون ھن مختصر ڪتاب ۾، انگريزن جي سنڌ ۾
اچڻ کانپوءِ، ١٩- صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ جي

ٻيٽ ۾، جيڪي انگريز ۽ ٻيا يورپي ماڻهو، سنڌي زبان جا ڄاڻو ۽ وڏا عالم ۽ مصنف ٿي گذريا آهن ۽ جن هن سياڳي سرزمين جي زبان وغيره جي سلسلي ۾ جيڪي بي بها خدمتون بجاءِ آنديون آهن، تن جو ذڪر- خير ڪيو آهي، ته جئن منهنجي منڻن مارواڙن ڪي، منهنجي منڙي زبان متعلق، صحيح ۽ پوري پوري معلومات حاصل ٿي سگهي ۽ هو پنهنجي سپڪ ۽ سوادي زبان جي اعلي اهميت ۽ حيثيت کي ڄاڻي ۽ ذهن ۾ رکي سگهن.

انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ، پر نسيپ (۱۸۳۵ع) ۽ وانسن (۱۸۳۶ع) نالي ٻه يورپي عالم، هتي اچي چڪا هئا ۽ انهن ”سنڌي - زبان“ متعلق ڪي گرامر وغيره به تصنيف ڪيا هئا ۽ ويهين- صدي عيسويءَ ۾ پڻ سرجان مارشل، ڊاڪٽر ايچ-ٽي-سورلي، مسٽر آر- ايل- ٽرنر، مس اينمري شميل، پروفيسر ٽي - ايف - مڇل ۽ مس رايا ييگور ووا وغيره جهڙا مايه ناز مستشرق، عالم ۽ اديب ٿي گذريا آهن ۽ ڪي اڃا به حال حيات ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهجي سنڌو ماتري ۽ سنڌي زبان جي باري ۾ ڪيل محنتن ۽ ڪوششن کي ڪڏهن به وساري ۽ فراموش ڪري نٿو سگهجي، هر انهن کي ڄاڻي واڻي، هن تحرير ۾، هن خيال ۽ اميد سان، ڪونه آندو ويو آهي، تہ جئن هنڪانپوءِ، سنڌ جو ٻيو ڪو سپوت ۽ مونکان وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ عالم ۽ اديب، منهنجي هن

رکيل بنيادي پٿر تي، مستقبل قريب ۾، ڪنهن شاندار ۽ عاليشان عمارت اڏڻ لاءِ، هن علمي ۽ ادبي ميدان ۾؛ همت جو سنڌرو ساهي ۽ دل ٻڌي؛ نڪري نروار ٿئي ۽ پنهنجي گوري تحقيق ۽ مسلسل تدقيق کان ڪم وٺي، منهنجي هن ناچيز پيشڪش کان بہ زياده سهڻي شيءِ اسانجي آڏو آڻي رکي!

هن منزل تي، نهايت افسوس سان اظهار ڪرڻو پوي ٿو، تہ گذريل ٣٥ ورهين جي ٿورڙي عرصي گڏ رهڻ ۽ هڪ نسل جي زندگي هڪ ٻئي سان گڏ گذارڻ کانپوءِ بہ، اسان جي هندستان مان هجرت ڪري آيل ”نون-سنڌي ڀائرن“ مان اڄ تائين اهڙو ڪو عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿي ڪين سگهيو آهي، جيڪو اسانجي صوبي جي سلوڻي ۽ ترقي يافتہ زبان بابت اهڙو ڪو شايان شان شاهڪار پيش ڪري سگهيو هجي، جنهنڪي اڄ اسين تحسين و ستائش جي نگاهن سان ڏسندا هجون ۽ انجي برعڪس، بعض ناعاقبت انديش افراد طرفان، پاڻ هن قديمي ۽ شاهوڪار زبان کي، زير ڪرڻ ۽ نقصان پهچائڻ لاءِ، ڪافي ڪجهہ ڪيو ويو آهي، پر اهڙي مڪروہ ۽ نفرت آميز هلت مان، هن زبان کي تہ ڪو ضرر پهچي نتو سگهي، البت انهنجي اهڙن ڀيڙن ۽ ناپاڪ مقصدن کي ضرور ڇيهو رسندو، جيڪي اڄ انهن جي خام ۽ فرسوده دماغن ۾ ڦري ۽ چڪر هڻي رهيا آهن!

برصغير ۾ مسلمانن جي آمد (١٠٠٠ع) کانپوءِ، پر وارن

ملڪن مان جيڪي سيد، علوي، غزنوي، غوري، خلجي، لوڌي، مغل، پٺاڻ، افغان، ارغون، ترخان ۽ بلوچ وغيره هن ملڪ ۾ آيا، تن پنهنجي پنهنجي رهائش وارن صوبن جي زبان، ثقافت ۽ تهذيب و تمدن وغيره کي پنهنجو ڪيو ۽ سدائين لاءِ ان رنگ ۾ رڱجي ويا.

اسان جي سڀاجهڙي سنڌڙيءَ ۾ هنجو وڏي ۾ وڏو ثبوت ۽ مثال سنڌ جو سدا حيات شاعر ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح“ آهي جنهن جا وڏا اصل هرات جا وينل هئا، پر هتي اچڻ کان پوءِ انهن هتي جي زبان ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪيو ۽ ان کان پوءِ ان خاندان ۾ حضرت شاهه صاحب، اهو مٽيادار موتي ۽ املهه ماڻڪ پيدا ٿيو، جنهن سنڌي زبان ۾ اهڙي ته مهارت حاصل ڪئي، جو ان ۾ عالمگير حيثيت جو لاثاني ۽ لافاني شعر چئي، پاڻ سان گڏ، سنڌي زبان ۽ سنڌ جي ثقافت کي به لازوال ۽ زنده جاويد بڻائي ويو! هيءَ حقيقت ۾ هڪ فطري تقاضا آهي، پر اسان جي دوستن جي درحق ته تصوئي اُلٽو پيو ڏيکارجي!

آخر ۾ آءٌ، هن ڪتاب جي لکڻ ۽ ترتيب ڏيڻ وقت جن ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن کان مدد ورتي آهي، تن جي زنده مصنفن ۽ مديرن جو دل جي گهراين سان، شڪريو ادا ٿو ڪريان ۽ فوت ٿي ويل حضرات لاءِ ڏاڍي دردعاگو آهيان ته ڪين مرهي ۽ جنت ۾ جاءِ ڏي (آمين.)

آءٌ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اختياريءَ وارن جو

ٻڌ آورائتو آهيان، جن جي ’ڏيهي ادب ۽ ٻرڏيهي اديب‘ جي عنوان هيٺ، اڄ‌کان گهڻو اڳ نشر ڪيل ڪن تقريرن مان، مون کي قدر مدد ورتي آهي ۽ ان باري ۾ مان ان محڪمي جي ٻن لائق ۽ همدرد دوستن: محترم نعيم مرزا ۽ جناب قادربخش ملاح کي ٻڌ ٻنهي جي دعائن کان وساري نٿو سگهان، جن مونکي هن ڪم کي سرانجام‌ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي.

اميد واثق اٿم، ته هن ٻرخلوص ڪوشش ۽ ناچيز محنت کي، سڀاجوڙي سنڌ جي ٻارڪن ۽ اهل علم حضرات طرفان آهسين ۽ همدرديءَ جي نگاهن سان ڏٺو ويندو ۽ هن مان اسانجو تعليم حاصل ڪندڙ طبقو ٻڌ ڪافي ڪجهه ٻرائي سگهندو. والسلام

واڌو مارڪيٽ:
شڪارپور، سنڌ.
مؤرخ ٢٧- آگسٽ ١٩٧٢ع،
مطابق ١٦- رجب المرجب،
سن ١٣٩٢ھ.

الراقم-
حبيب الله مولابخش ڀٽو.

بسم الله الرحمن الرحيم

پيش لفظ

عربن جي آمد (٧١٦ع) کان اڳ اسان جي سونهاريءَ سنڌڙيءَ جون حدون، اوڀر طرف ملتان، ڏکڻ پاسي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي پرڳڻن، اتر طرف افغانستان ۽ ايران ۽ اولهه پاسي علاقي مڪران ۽ عربي سمنڊ تائين پکڙيل هونديون هيون. ان وقت ملتان پرڳڻي جون حدون قنوج ۽ ڪشمير جي واديءَ سان وڃيو ٿي مليون، گويا تڏڪ گهٽ اڄوڪو پورو 'مغربي پاڪستان' سنڌ جي نالي سان سڏبو هو.

اهوئي سبب ٿو ڏسجي، جو اسان جي شهر: شڪارپور ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن هنڌن جا 'هندو' پاڻ کي ملتاني سڏائيندا هئا. ازانسواءِ مسلمانن جون ڪيتريون ذاتيون ۽ قبيلا اڄ به، مشترڪ طور تي، پوري اولهه پاڪستان ۾ وسيل ۽ آباد ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا!

اڄ جنهن سرزمين کي اسين 'سنڌ علاقي' جي نام-نامي و اسم گراميءَ سان سڏيون ٿا، تنهنجون حدون، اتر ۾ پنجاب ۽ سرحدي علاقن، اوڀر ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير جهڙين رياستن، ڏکڻ ۾ ڪڇ جي نار ۽ عربي سمنڊ ۽

اولهہ ۾ مڪران ۽ لس ٻيلي سان وڃي ملن ٿيون.

هن جي بيهڪ، اتر ويڪرائي ڦاڪ ڪهيرن (Lines of latitude) ۾ ٢٣ ۽ ٢٩ ۽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ ليڪن (Lines of Longitude) ۾ ٦٧ کان ٧٠ ڊگرين جي وچ ۾ ٻڌل آهي. هن جي پوري پکيڙ اٽڪل ٥٥- هزار چورس ميل آهي ۽ منجهس تقريباً هڪ ڪروڙ ڏهه لک ماڻهو رهن ٿا. هن ۾ ڪل ٻارهن ضلعا ۽ ٦٧- تعلقا اچي وڃن ٿا. هن جي وڌ ۾ وڌ ڊيگهہ ٣ سؤ ۽ ويڪر ١٢٠ ميل آهي.

اسان جي ديس جا قديم رهاڪو، آرين کان وڌيڪ مهذب ۽ سڌريل چوڻ ۾ اچن ٿا، جنهن جي ثابتي موئن جي دڙي جي تهذيب کان ورتي وڃي ٿي. تواريخ جي تحرير موجب ' آريه '، اتر ايشيا کان، هندستان ۾، عيسوي سن کان اٽڪل ١٥ سؤ ورهيه اڳ آيا هئا ۽ " موئن جي دڙي " جي ملبل آثارن مان معلوم ٿيو آهي، ته اها تهذيب عيسوي سن کان اندازاً ايائي هزار ورهيه اڳ تائين موجود هئي ۽ ان جي اوائلي شروعات ١٧- کان ٢٥- هزار ورهيه اڳ تائين، ڇئي وڃي ٿي! ڪن آڳاٽين لکيتن مان هي به معلوم ٿئي ٿو، ته موئن جي دڙي جي تهذيب آرين جي ' رگ ويد ' کان گهڻو اڳ جي آهي. پارسين جو مذهبي ڪتاب " اوزيستا " به آرين جي دؤر کان اڳ جو لکيل آهي، جنهن ۾ ' آرين ' جو پڻ ذڪر ملي ٿو. ان مان ظاهر آهي، تہ آرين جي تهذيب گهڻو پوءِ

هي آهي .

اسان جي ملڪ جا ماڻهو آرين ڪان وڌيڪ سگهارا ۽ قداور هوندا هئا، پر ’آرين‘ جي چڙي، اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ اڇي هوندي هئي، ان ڪري هو ساڙ وچان ۽ پنهنجي احساس برتري جتائڻ لاءِ، انهن کي ”دسيو“، يعني اڻ سڌريل ڪري سڏيندا هئا ۽ انهن جي پاران، پنهنجي عورتن کي وري، ”داسي“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو!

هن جي وچ مان ”سنڌو درياءَ“ نالي هڪ وڏي ندي وهي ٿي، جنهن جي ڊيگهه اٽڪل ١٨- سؤ ميل آهي ۽ ان نڪتهء نگاه کان، هن جو دنيا جي دريائن ۾، سترهون نمبر بيهي ٿو.

هن الاهه مٺي ۽ روپوري پاڻيءَ جي وهڪري کي، دنيا جي تاريخن ۾، تمام گهڻن طريقن ۽ نالن سان ساراهيو ۽ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ڏند ڪٿا موجب: جنت مان چار درياءَ، نيل، فرات، جيحون ۽ سيحون؛ وهندڙ آهن: ’سيحون‘ سنڌو نديءَ جو عربي نالو آهي! چا نه هجي، پر هيءَ هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي، ته جيڪڏهن ”نيل“ مصر ۾، فرات عراق ۾، جيحون ترڪستان ۾ ۽ سيحون سنڌمان وهندڙ نه هجن ها، ته اهي ملڪ اڄ تاريخ ۾ ”صحرا“ جي نالن سان سڏجڻ ۾ اچن ها!

آرين جي پراڻن ويدن ۾ پڻ، اسان جي نديءَ جي

ساراهه ۽، ڪيترا سلوڪ ملن ٿا.

آرين جي اچڻ کان اڳ، ”سنڌو - درياءَ“ کي، مختلف دؤرن ۾، علحدن علحدن نالن سان سڏيو ۽ پڪاريو ويندو هو، جيئن ته پارسين جي ”بندهش“ نالي هڪ مذهبي ڪتاب ۾، هنکي ”مهرا“ جي نالي سان لکيو ويو آهي، جو اصل لفظ ”مهراڻ“ ڇيو وڃي ٿو، جو ان ڪتاب ۾ ”ڻ“ حرف کي حذف ڪرڻ کان پوءِ ”مهرا“ ٿي پيو آهي!

اسان هي ”مهراڻ“ کي ”هاڪڙو“ به ڪري سڏيندا هئا. ڪن جو چوڻ آهي، ته ”هاڪڙو“، سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ جو نالو هوندو هو، جا اتر ۾، سنڌوءَ کان پنج- اڌ وٿان ڌار ٿي، ٿر کي آباد ڪندي، ننگر پارڪر وٽ وڃي، ڪڇ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

ڪن ڪتابن هن کي ”واهنده“ جي نالي سان به لکيو آهي ۽ اهو گهڻي زماني کان وٺي، ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي صاحبيءَ تائين، اوپرندي ناري جي وچ مان وهي، ڪڇ جي رڻ جي پرسان، ڏيپلي جي ڏکڻ پاسي، هاڪڙوڪي پوري: ”پراڻ“ وٽ، عربي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو. ”پراڻ“ جي معنيٰ آهي: پراڻو يا جهونو درياءُ. ڪنهن زماني ۾ هن کي ”وتنا“ ۽ ”سوساما“ به ڪري سڏيندا هئا. ’سوساما‘، ’شيش‘ ۽ ’ناگ‘ جو پيو نالو ڇيو وڃي ٿو! ٿي سگهي ٿو ته ان وقت جي ”ناگ ديوتا“ جي پوڄارين، هن پراڻي ۽

بيباڪ درياءَ جي دهشتناڪ ڪنن ۽ ورن وڪڙن کي ڏسي، هن تي اهو نالو ڏريو هجي! هن جو هڪ ٻيو قديم نالو ”چندديوتا“ به چيو وڃي ٿو.

ان زماني ۾، راجپوتانا جي ’رڻ ٻٽ‘ مان، ’سرسوتي‘ نالي هڪ ٻي ندي به وهندڙ هئي. چون ٿا، ته آرين جڏهن پنجاب جي سرزمين کان اڳتي سري، سنڌو ۽ سرسوتي ندين جي وچواري ماڙيءَ تي، پنهنجي بيٺڪ ڄمائي، تڏهن انهن ”واديءِ سنڌ“ تي ”سپتا سنڌ آوه“ نالو رکيو. ان وقت سنڌ ۽ راجپوتانا جا علائقا نهايت زرخيز ۽ وڏي آباديءَ وارا هوندا هئا. يونان جو مشهور جاگرافيدان: ”هير- پالس“ (سن ٣٤٧ع)، هڪ هنڌ لکي ٿو، ته سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ زبردست گهاٽا ٻيلا هوندا هئا، جن ۾ خوفناڪ ۽ وحشي جانورن جو گهڻو تعداد ڏسڻ ۾ ايندو هو. ان پوري ۽ سرسبز علائقي کي آريه، ’برهم ورتا‘ ڪري ڪوٺيندا هئا. آرين جي ڪتاب ”رگ ويد“ ۾ پڻ سنڌ جو بيان ڏنل آهي.

آرين کان پوءِ، جڏهن اولهه هندستان تي سٿين، يوچي ۽ ٻين قومن ڪاهون ڪيون، تڏهن انهن ’سنڌو- ندي‘ کي ’ منو مهراڻ ‘ ڪري سڏيو! عربن هن کي ”مهران“ ڪري سڏيو ۽ انگريزن وري هن جو نالو ڦيرائي ڪٽي ”انڊس“ (Indus) رکيو، جو اڄ تائين، مغربي زبانن ۾ بدستور رائج آهي. يونانين ”سنڌ“ جو اچار ڦيرائي ”انڊو-انڊوئي“ (Indoi) ڪيو ۽ سنڌوندي کي سڏيائون

’ انڊوس ‘ (Indos) ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون انڊيڪا (Indica) يا انڊيڪوس، پوءِ ڦري لئٽن ۾ ’ انڊس ‘ ۽ ” انڊيا “ ٿيو.

ابن حوقل بغدادي- جنهن پهريون سنڌ جو نقشو جوڙيو هو- هن نديءَ جو وهڪرو الور وٽان ڏيکاريو آهي ۽ الور گويا ان وقت سنڌونديءَ جي ڪپ تي بيٺل شهر هوندو هو. هي شهر ڪنهن وقت وڏو واپاري مرڪز هوندو هو، جنهن جو ذڪر: ’علامه ابوالفضل‘ پنهنجي جوڙيل مشهور ڪتاب: ” آئين اڪبري “ ۾ به ڪيو آهي. چيو وڃي ٿو، ته هن درياءَ، سن ٨٠٠ع ۾، عربستان جي هڪ مسافر: ”سيف الملوڪ“ جي بد دعا سببان، هتان پنهنجو وهڪرو ڦيرائي، ان جڳهه تان ڪيو هو، جتان اسان کي اهو اڄ ڪالهه وهندو نظر اچي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ” الور “ جو شهر به صفحئه هستيءَ تان، حرف غلط وانگر، ميٽجي ۽ ميسارجي ويو هو!

مغربي ماهر: ” **مئڪس ملر** “ جي خيال موجب، ’ سنڌو ‘ جو اشتقاق يا بنياد: ”سڌ“ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ”رکي وٺڻ“ يا ”بچاءَ ڪرڻ“ آهي. (١)

هندستان جي امپيريل- گزيٽيئر، بينفي صاحب جي لکيل سنسڪرت ڊڪشنري ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن جي تحريرن مطابق، ”سنڌو“ جو ڌاتو يا بنياد، سنسڪرت

---

(1) India- what can it teach us? p-170.

جي لغظ ”سيند“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ”وهڻ“ ۽ ان موجب ”سنڌو“ جي معنيٰ ٿئي ٿي: ” سدائين وهندڙ ندي! “ سنسڪرت ۾ ”سنڌو“ کي ”سمنڊ“ يا ”وڏو درياءُ“ به ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ ان درياءَ تان ئي هن علائقي کي ”سنڌ“ نالو مليو! انجهاني ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي وري برصغير کي حضرت نوح (ع) جي ٻن پٽن: ’هند‘ ۽ ’سند‘ جي نالن سان منسوب ڪيو آهي!

هن نديءَ جون ٻيون ڪيتريون ننڍيون ندِيون، پرتي ڪندڙ هونديون هيون، جنهن سبب هيءَ چوڻ ته هڪ ’سمنڊ‘ جو ڏيکاءُ ڏيندي هئي، جنهن ڪري آرين هن کي اهو نالو ڏنو. (١) هن وقت هيءَ ندي، ٻين ندين کان ڌار ٿيڻ سبب، پنجاب جي ”منڻ ڪوٽ“ وٽان هڪ يڪي ندي ٿي وهي ٿي. اڄ به هن نديءَ جو پيٽ، ديره اسماعيل خان کان وٺي ڪالا باغ تائين ايترو آهي، جو هن جي وچ ۾ بيٺل ٻيڙي، ٻنهي ڪنارن تان ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي! ڪنهن زماني ۾، هندستان جي اوچي ۽ ملائم ماحول کي ٻڌڻ: ”سنڌو“ جي نالي سان سڏيندا هئا.

هن ديس جي ٻوليءَ بابت ٻڌڻ، زبانن جي ماهرن جا، جدا جدا رايا ۽ نظريا آهن؛ جئن ته ڪن ڄاڻن جو چوڻ آهي، ته ” سنڌي زبان، سنسڪرت جي ڌيءَ

(1) Combridge History of India-Vol:1, P-80.

آهي." ڪي صاحب وري چون ٿا، ته "سنڌي ٻولي، سنڌيءَ طرح سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، پر سنسڪرت جي اڳ، واري ڏؤر کان به اڳ جي، سنڌو- ماٿريءَ جي، اوائلي زبان آهي" ۽ ڪن صاحبن وري لکيو آهي، ته "خود سنسڪرت زبان، سنڌي زبان مان ڇاول هڪ زبان آهي" ! بعض بزرگ وري چاڙائين ٿا، ته "سنڌي زبان، آريه زبانن جي نه، پر عربي زبان سان مائٽي رکندڙ زبان آهي!" مطلب ته جيترا آهن ڪتاب، اوترئيون آهن هن ٻوليءَ بابت ڳالهيون ۽ ڳالهيون!

هن حقيقت کي اکين آڏو رکندي، سنڌي زبان جو هڪ ماهر ۽ مشهور ايڪٽ: پروفيسر **خواجه غلام علي الانا** ماهنامه: "نئين زندگي" جي، ماه جون ١٩٦٥ع جي اشاعت جي، صفحه ٢٤ تي، لکي ٿو ته:-

"سنڌي زبان، انجي تاريخي ارتقا، توڙي اصلي بنياد جي بيان لاءِ، اسان وٽ جيڪو ڪجهه مواد موجود آهي، سو زياده تر "ظني"، "فيروگيانڪ" ۽ "تبليغي" آهي. ماهرن، سنڌي جي "اصلي بنياد" تي لکڻ کان اڳ، اول پنهنجا نظريا قائم ڪيا آهن ۽ پوءِ انهن جي اوٽ ۾ مواد گڏ ڪري، "خانه پري" ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اڃا تائين "سنڌي زبان" جي "اصلي بنياد" بابت ڪا صحيح راءِ قائم

ٿي نه سگهي آهي."

هي ۽ هڪ مستند ۽ تاريخي حقيقت آهي، ته سنڌ ۾ اسلام جي آمد (سن ٧١٦ع) کان اڳ، هن خطي ۾ "سنڌي ٻولي" نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها مختلف رسم الخط جي ذريعي، اکرن ۾ پڻ ايندي هئي.

هن حقيقت جو ثبوت اسان کي "پنيور" جي کوٽايل کنڊرات مان هٿ آيل ٺڪرن مان مليو آهي، جن تي رواجي ڪاري مس سان لفظ لکيل آهن، جن جي باري ۾ پاڪستان جي "آثار قديمه" جي ڊائريڪٽر: "ڊاڪٽر ايف. اي. خان" جو چوڻ آهي، ته اهي ٺڪر، جن برتنن جا آهن، سي هرگز ٻاهران ڪونه گهرايا ويا هوندا، يعني اهي ضرور ديسي هوندا ۽ انهن تي جيڪا لکيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا پڻ لازمي طور تي ديسي ۽ هن سرزمين جي ئي هوندي!

عربي سياحن ۽ مؤرخن مان "جاحظ" (متوفي ٨٦٤ع) پنهنجي هڪ سفرنامه ۾ لکي ٿو ته:-

"هند (سنڌ) جي ماڻهن کي اسان علم نجوم ۽ حساب ۾ گهڻو ترقي ڪيل ڏٺو. انهن جو هڪ خاص رسم الخط: "هندي" (سنڌي) آهي. هو طب جي علم ۾ به خاص درجو رکن ٿا. انهنجي علم طب ۾ خاص اسرار رکيل آهن ۽ انهن وٽ خطرناڪ ۽ مهلڪ بيمارين لاءِ خاص دوائون موجود آهن.

مورتيون ٺاهڻ ۽ رنگ، برنگي تصويرون جوڙڻ انهن جو هڪ خاص مشغلو آهي. شطرنج راند به انهن ايجاد ڪئي آهي. هيءَ راند عقل ۽ تدبر جي هڪ خاص آزمائش آهي. نجوم جي حساب جا بہ اصل مؤجد اهي آهن. تلوارون عمديون ٺاهي ڄاڻن ٿا ۽ انهن جي هلائڻ جي سيکني ڪرتبن کان بہ چڱيءَ طرح واقف آهن. راڳ، هنن جي دلپسند چيز آهي. انهن جي هڪ ساز جو نالو ”ڪنڪلا“ آهي، جيڪو ڪدوءَ جي تنبيءَ تي هڪ تار رکي ۽ ان کي ڇڪي، وڄائيندا آهن. هي ستار ۽ جهانجهہ جو ڪم بہ ڏئي ٿو. انهن وٽ قسمين قسمين جا ناچ بہ موجود آهن.

صراف ۽ چانديءَ جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو، پنهنجا زيور ۽ پئسا انهن سنڌين ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن جي حوالي نہ ڪندا آهن. عراق ۾ بہ جيڪي سونارا يا صراف آهن، تن وٽ بہ خاص طور تي سنڌي ئي ”خزانچي“ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇو تہ اهي حساب ڪتاب ۽ صرافڪي ڪم جا خاص ڄاڻو آهن. ان کان سواءِ، اهي ايماندار ۽ وفادار نوڪر بہ ثابت ٿيا آهن.“ (١)

(1) Hist. of India, Vol: I. Turbner & Co: Lond.; 1867, P-39.

اهڙيءَ طرح ٻئي عرب سياح: ”مسعودي“ (متوفي ٩٥٧)، اسان جي علائقي جي زبان بابت لکيو آهي ته:-

”سنڌ جي زبان هندستان جي زبان کان ٻئي قسم جي آهي. اهو خطو اسلامي ملڪن جي ويجهو آهي. ”مهانگر“ يعني ولبراء جي صاحبي جي زبان ”ڪڙي“ آهي. اها ان طرف جي هڪ عام زبان آهي، ٻر اها هڪ سخت زبان جي صورت رکي ٿي. ساموندي ڪناري وارن شهرن، جهڙوڪ: چيمور، سوپاره ۽ ٿاڻي وغيره جي زبان: ”لاڙي“ آهي.“

ان نموني ٻيو سياح: ”اصطخري“، جيڪو سن ٩٥١ع ۾، سنڌ ۾ آيو هو؛ وري پنهنجي سفرنامه ۾ لکيٿو ته:-

”منصوره، ملتان ۽ ان جي آس پاس وارن شهرن جي زبان ”سنڌي“ ۽ ”عربي“ آهي.“

عرب سياح: ”بشاري مقدسي“ (متوفي: ٩٨٥ع) جو چوڻ آهي ته:-

”ديبل هڪ ساموندي ڪناري وارو شهر آهي ۽ هن سان اٽڪل هڪ سؤ ڳوٺ ڳنڍيل ۽ متصل ٿيل آهن. هن شهر جا رهاڪو گهڻو ڪري ”هندو“ مذهب جا آهن. هي شهر سمنڊ جي ايترو ته نزديڪ آهي، جو جڏهن پاڻيءَ

جو چاڙهه ٿيندو آهي، تڏهن سمنڊ جو پاڻي اچي شهر جي پٿرن سان ٽڪرجندو آهي. هتي جا اڪثر باشندا واپاري آهن. اهي "سنڌي ۽ "عربي" ٻوليون ڳالهائين ٿا. ديبل هن صوبي جو بندرگاهه ۽ وڏي ڪمائيءَ وارو شهر آهي."

"ابن نديم" (متوفي: بعد ٩٩٥) جو ورتي هي رايو آهي:

"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب مختلف قسمن جا آهن، جنهن نڪتہ نگاهه کان انهن جو رسم الخط به علحدو علحدو آهي. رسم الخط جا هن ملڪ ۾ اٽڪل ٢- سو قسم موجود ڏسجن ٿا. سنڌ جي ماڻهن کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيون ڪاري رنگ جون قومون به رهن ٿيون. انهن جو رسم الخط "هندي" آهي."

ازانسواءِ ٻئي هڪ مشهور معروف عرب سياح: "ابن حوقل"، پڻ هڪ هنڌ سنڌ بابت چاڻايو آهي، تہ منصوره ۽ ملتان جي آس پاس وارن علائقن ۾ سنڌي ۽ عربي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

دنيا جي زبانن جو مشهور مغربي ماهر، **سر گريئرسن** (Sir Grearson) پنهنجي جڳ مشهور تصنيف، لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا (Linguistic survey of India) ۾ هڪ جڳهه تي چاڻائي ٿو انگريزن جي آمد کان اڳ سنڌ ۾

اٽڪل ٢٠- کن رسم الخط موجود هئا، جن مان روم ـــ ن، ديوناگري، خداآبـادي، شڪارپـوري، ساڪـرو، لهاڱڪو، ياڻيڪو، لاڙائـــي، ونگائي، راجـائي، خواجڪو، ٺٽائي، حيدرآبادي، سيوهـاڻي، ۽ ڏاڪڻو لهندا، خاص طور تـــي ذڪر ڪرڻ جي قابل آهن.

سر گريئرسن جي هن لکيت مان هي هرگز مطلب نه ڪيڻ گهرجي، ته اسان جي ديس ۾ هڪ ئي وقت ڪي هيتريون ساريون ٻوليون ڳالهايون يا لکيون وينديون هيون، بر حقيقت هيءَ آهــي، ته ٻولي هڪ هئي، جنهنجو نالـــو "سنڌي" هو، ٻـــر ان جــي لکڻ جا نمونا ۽ رسم الخط جدا جدا هوندا هئا.

عام طرح، سنڌي ٻوليءَ بابت، زبانن جــي ماهرن ۽ محققن جو هي متفقه طور تي رايو آهي، ته اوائلي دؤر ۾ سنڌ اندر، 'پراڪرت' جـي هڪ شاخ، "اپڀرمسا" يا "اپڀرنش" جي "ورچڊا" يـا "ورشدا" ٻـولـي ڳالهائي وينديي هئي. اپڀرمسا يـــا اپڀرنش جـــي معني آهـــي، (اپ=بگڙيل + ڀرنش ڪريل يـا ذليل) بگڙيل يا خراب ٿيل ٻولي.

چئو وڃي ٿو، ته الوقت سنڌي-زبان ڪـي ٻنهنجو جدا رسم الخط به هوندو هيو، جنهنکي اردناناگري، ملڪاري، سنڌب يـا سيندواڪري سڏيندا هئا.

آثار قديمه جي کوٽائي ڪندڙ کاتي طرفان، جيڪا "ڏمڏيور" جي دڙي جي تازو کوٽائي ڪرائڻ ۾ آئي هئي، تنهن مان جيڪي انهن کي لکيل ٺڪريون مليون آهن، تن مان ڪن تي "اردنا ناگري" ۽ 'لوهاٽا' واري رسم الخط جا لفظ لکيل آهن. گويا اهي ٺڪرين جون اوائلي لکيتون، سنڌ ۾ عربن جي آمد (٧١٦ع) کان اڳ جي سنڌ ۾ رائج ٿيل ٻولين لئي واضح طور تي روشني وجهن ٿيون.

سنڌ سميت، گڏيل هندستان جو جيڪو اسان کي اوائلي ادب مليو آهي، سو سمورو 'سنسڪرت' زبان ۾ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، چڱي يا صاف ٿيل ٻولي. ڪي صاحب هنکي "سمسڪريتا" به ڪري سڏين ٿا ۽ انجو مطلب: 'نقلي' يا 'گهڙيل' ٻولي ڪين ٿا! اها جن حرفن يا اکرن ۾ لکي وينديآهي، تنکي 'ديو - ناگري' چيو ويندو آهي، جنهنجي معنيٰ آهي: 'ديوتائن جي نگر جا اکر'. ڀارت جي قديم باشندن جي عقيدي موجب، اهي اکر انسانن جا نه، پر ديوتائن جا جوڙيل آهن، جي پوءِ انهن کان آريه لوڪن اچي حاصل ڪيا!

سنسڪرت اصل آرين جي ويدن واري ٻولي آهي ۽ ڳالهائڻ مهل ان وقت جا ماڻهو اها زبان ڪتب ڪونه آڻيندا هئا، پر انهن جي روزانه ڳالهائيندڙ ۽ ڪم ايندڙ ٻوليءَ کي "پراڪرت" ڪري ڪوٺيو ويندو هو.

جنهن جي معنيٰ آهي: 'قدرتي' يا 'فطرتي' ٻولي، اهـا ٻولي، انگريزيءَ وانگر، ڪاٿي ڪـان ساڄي پاسي لکـي وينديآهي.

اڳڪالهوءَ جڏهن جڏهن ملڪ جي ماڻهن ۾ اضافو ايندو ويو، تڏهن تڏهن انهن ملڪ جا ٻيا ۽ جدا جدا ڀاڱا وسائڻ ۽ آباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ انهن جـي هـن نئين آباديءَ سبب، ٻوليءَ جـا اُچار بہ، جـدا جـدا جاين تي، علحده علحده طريقي سان اُچارڻ شروع ڪري ڏنا ويا، جنهنڪري اها زبان بہ ڪيترن نون نمونن ۾ ورهائجي ۽ تقسيم ٿي ويئي، جن مان "اپڀرمسا پراڪرت" هڪ هئي، جا هوءَ ٽن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويئي، جن مان ورچڊا يا ورشدا اپڀرمسا هڪ هئي جـا سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. گويـا اپڀرمسا سنڌي ٻوليءَ جـي ماءُ يـا وڏي پيڙهه آهي.

اوائلي دؤر جي "پراڪرت - پرڪاش" نالي گرامر جي جوڙيندڙ عالم: "ورروچي" جو چوڻ آهي، تہ عيسوي سن شروع ٿيڻ وقت ڀارت ۾ مکيہ چار ٻوليون - مرهٽي، مگڌي، سورسيني ۽ پشاچي - ڳالهائڻ ۾ اينديون هيون.

سرگريئرسن، لنگئسٽڪ سروي ۾ هي بہ ڄاڻايو آهي، تہ 'سنڌي زبان'، لهندا ٻوليءَ وانگر ٻاهرين هند آريائي ٻولين سان واسطو رکي ٿـي ۽ ان ۾ جيڪي خوبيون ۽ خاصيتون موجود آهن، سي ان کـي "داردي ٻولين"

سان ڳنڍيل آهن، جي مغربي پاڪستان جي سرحدي علائقن ۽ ڪشمير ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. لهندا جي معنيٰ آهي: ”اولهندي پاسي جي ٻولي“. اينسائيڪلوپيڊيا برٽئنيڪا ۾ خود ’سنڌي زبان‘ جو ٻيو نالو ’لهندا‘ ڄاڻايو ويو آهي. اها ٻولي پنجاب ۽ ڏيره غازيخان ۽ ڏيره اسماعيلخان جي علائقن ۾ ڳالهائي ويندي آهي. ”داردي - ٻوليون“ وري سوات، چترال، ڪشمير، گلگت ۽ ڪافرستان ۾ موجود آهن. لهندا ٻوليءَ جون ٻيون مکيه شاخون وري آهن: پنجابي، جٽڪي، اُچي، سرائڪي، هندڪي ۽ ملتاني. سنڌي زبان ۾ اڄ به پراڪرت واريون اصلي خوبيون موجود آهن، جيڪي برصغير جي ٻين ٻولين مان غائب ٿي چڪيون آهن.

سنڌ ۾ عربن جي آمد کانپوءِ: جنهن اسان مٿي ڪن عرب سياحن جي رائن ۽ لکيتن ۾ ڄاڻايو آهي؛ سنڌ ۾ جيتوڻيڪ ”عربي“، هڪ سرڪاري زبان جي حيثيت رکندڙ زبان هئي ۽ سرڪاري ڪاروبار به سمورو ان زبان ۾ هلندو هو، پر ان هوندي به ”سنڌ“ جي مقامي ۽ مادري ٻولي سنڌي هوندي هئي ۽ انوقت ان، موذب ۽ بي شمار خاصيتون رکندڙ عربي زبان جا بي-انداز لفظ اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ جذب ڪري ورتا، جو اڄ اهي گويا ٺيٺ سنڌي زبان جا پيا لڳن ۽ اها خاصيت ۽ خصوصيت، فقط زنده قومن جي ٻوليءَ ۾ ئي ڏسڻ ۾

ايندي آهي! ڇهو وڃي ٿو، ته عربن جي دؤر حڪومت
۾، سنڌ جي گورنر: "عمران بن عيسيٰ برمڪي"، سنڌ مان
ڪي عالم بغداد موڪليا، جي ڪيترا ڪتابن جا اوڏانهن
کڻي ويا هئا، جنجا پوءِ عربيءَ ۾ ترجما ٿيا!

سنڌي ٻولي ۽ سنڌس رسم الخط جي باري ۾ ڪن
صاحبن جو رايو آهي، ته سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت
شروع ٿيڻ کانپوءِ، اٽڪل ١١٠٠ع ڌاري، سنڌي رسم الخط
موجوده صورت اختيار ڪري ورتي هئي، پر اها ڳالهه
حقيقت جي بلڪل برعڪس آهي. سنڌي زبان مڍي
کان سڌريل ۽ مهذب زبان هئي، جنهنڪري عرب واپاري
به سکڻ ۽ ٻنهنجي ڪرڻ لاءِ خواهان ۽ مشتاق هوندا هئا!
هن ئي دؤر ۾ سنڌ جا ڪيترا عشقيه قصا وجود ۾ آيا
۽ انهن کي نظم خواه نثر جي صورت ۾ قلمبند ڪرڻ ۾
آيو! ٻين طريقن سان به سنڌي ٻوليءَ گهڻو زور ورتو.

سومرن کانپوءِ جڏهن سنڌ ۾ سمن جي سرداري شروع
ٿي، تڏهن انهن جي سرڪاري ۽ دفتري زبان: "پارسي"
ٿي، جا پوءِ ارغونن، ترخانن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن تائين
سنڌ ۾ موجود رهي، پر خانگي طرح ۽ گهرن ۾ عموماً
سنڌي ٻولي ئي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي.

عربن ۽ ٻين مسلمان حڪمرانن جي سنڌ ۾ اچڻ
کانپوءِ - "جوڙو راجا، توڙي پرجا" جي مقولي مطابق -
رفته رفته سنڌي زبان تان، سنسڪرت ۽ ديوناگري

رسم الخط جو اثر گهڻو ويو ۽ ان ۾ عربيءَ سان گڏ پارسي جا به بي انداز الفاظ، گڏجي مٽجي ۽ خلط ملط ٿـي ويا ۽ ان صورت ۾ به هن ٻوليءَ پنهنجي انفراديت ۽ جداگانه حيثيت کي پوريءَ طرح سان بحال رکيو ۽ پنهنجي صورت ۽ هميت کي بگڙجڻ کان، پوريءَ طرح، بچائي ورتو.

انهيءَ ئي سنڌي زبـان جـي ترقيءَ واري دؤر ۾، جديد سنڌي شاعريءَ جي نئين سر اوسر ٿـي ۽ قاضي قاضـن، مخدوم نوح هالائـي ۽ شـاهه ڪريم بلڙيءَ وارو وغيره جهڙا مشهور شاعر پيدا ٿيـا، جـن سنڌ ۽ سنڌي زبان جي اهـا خدمت ۽ آبياري ڪئي، جنهنکي قيامت تائين وساري نٿو سگهجي!

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ جڏهن ته سنڌ جا بي شمار غير - مسلم، اسلام جي دائري ۾ اچي چڪا هئا، جن کي سردست، عربي ۽ پارسي زبانن ۾، مذهبي تعليم ڏيڻ، هڪ مشڪل ۽ محال ڳالهه هئي، انڪري انوقت جي مشهور معروف عالم - فاضل "علامہ ابوالحسن"، عربي ۽ فارسيءَ جي اکرن جي مدد سان، سنڌي - زبان جي هڪ 'عربي - سنڌي' رسم الخط ايجاد ڪئي، جا پوءِ " ابوالحسن جي سنڌي " جي نالي سان مشهور ٿي! پنهنجي بڻايل رسم الخط ۾ هن سنڌيءَ جي اوائلي ۽ شروعاتي سڃڻ، سن ١٧٠٠ع ڌاري، پنهنجو پهريون ڪتاب: " مقدمت الصلوات " جـي نالي لکي تيار ڪيو، جنهنجي ذريعي ملڪ جي نؤ مسلمن کي 'نماز'

وغيرہ بابت اسلام جا اصول ۽ طريقا سيکاريا ويندا هئا.

هن بزرگ جي هوڙي شروعات کانپوءِ صوبي جي بين عالمن، جهڙوڪ: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ميين عبداللطيف، مخدوم ضياءُالدين، مخدوم عبدالله، ميين غلام محمد ۽ حاجي ميين عبدالله وغيرہ پڻ، اسلامي فقہ، حديث ۽ تفسير وغيرہ تي اَنگل روءِ ڀنڀاهه کن ڪتاب تحرير ڪري، سنڌ جي عوام آڏو پيش ڪيا.

ان دؤر ۾ مؤلوي محمد حسين جي سنڌي پڻ مشهور هوندي هئي. هي بزرگ، ڪلهوڙن جي حڪومت ۾، هڪ بلند پايہ جو اديب، عالم ۽ مصنف ٿي گذريو آهي. هن صاحب سن ١١٧٧ ھ ڌاري، "قصص الانبياءَ" نالي هڪ پارسي ڪتاب جو، "سيربستان" جي عنوان سان 'الف' اشباع واري قافيہ: 'آ' اندر، سنڌي زبان ۾، منظوم ترجمو پڻ ڪيو هو.

هن ڪتاب ۾، حضرت آدم عليہ السلام کانوٺي حضور ڪريم سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم تائين ٿي گذريل نبين، رسولن ۽ پيغمبرن جو بيان ڪيو ويو آهي. هن صاحب پنهنجي هن ڪتاب ڪي، آخر ۾ هن بند تي پورو ڪيو آهي:-

"تمام ٿيو نسخو سنڌي، جڙي هي سهڄا
هئان هن ضعيف جي، فضل ساڻ خدا
پورو ٿيو شعبان ۾، ڪارهن ماهہ ٿيا."

سمن ۽ سومرن جي صاحبيءَ وقت "سنڌي زبان" خاص طرح، ڪهڙي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي، تنهنجي وثوق ۽ يقين سان، ڪا به خبر نٿي پوي، البت هيئن سو چئي سگهجي ٿو، ته انهيءَ دور ۾ ڪيترا روماني قصا ۽ بيان، سورهيائي ۽ سچائيءَ جا داستان ۽ زور آزمائي، ٺهٺائي ۽ نماڻائيءَ جون ڪيتريون آکاڻيون ۽ ڪهاڻيون وجود ۾ آيون ۽ اهي سنڌي نظم خواهه نثر ۾ لکي، سنڌي زبان جي ذخيري ۽ سرمائي ۾ بيش بها اضافو ڪرڻ ۾ آيو.

ڏمرڻ سوناري، ڏوڏو-چنيسر، سسئي - پنهون، عمر-مارئي، ليلا - چنيسر، مومل - مينڌري، ڄام لاکي، ڪراچيءَ جي ڪن، ڌميسر سومري، سيف الملوڪ، بديع الجمال ۽ داوراء جي نگريءَ جا قصا وغيره به، هن ئي دور ۾، لکڻ ۾ آيا.

ڇيو وڃي ٿو ته لنڊن جي "برٽش ميوزيم" ۾، 'ڪيسر چند' جو، 'سنڌي - مارواڙي' زبان ۾، "لاکي - ڦلاڻي" جو هڪ قصو موجود آهي، جنهنجي تامبند ڪرڻ جو سن ١٧٧٢ع ڄاڻايل آهي.

ڄاڻن جو هن سلسلي ۾، وڏيڪ خيال آهي، ته سنڌ ۾، "سنڌي-عربي" رسم الخط سان گڏ، ٺاڪري يا پروڻوناگري خط به موجود هوندا ۽ روزانو واپار ۽ ڪاروبار ۾ استعمال ايندا رهندا هئا ۽ اهي رسم الخط ٽيستائين ملڪ اندر

موجود هئا، جدستائين انگريزن، سرڪاري طرح فيصلو ڪري، عربي رسم الخط ۾ سنڌي لکڻ ۽ ان خط ۾ ئي ڪتابن ڇپائڻ جو فيصلو نه ڪيو هو.

هن وقت اسان وٽ اوائلي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب فقط اهي ئي موجود آهن، جيڪي "سنڌي - عربي" رسم الخط ۾ لکيا ويا هئا، باقي ناگري يا ٻروٽو ناگريءَ ۾ لکيل سنڌيءَ جي ڪتابن لاءِ چيو وڃي ٿو، ته اهي هن وقت لنڊن جي **"برٽش ميوزيم"**، ٻرس جي **"لوور - لئبريري"** ۽ پارت جي **"انڊيا - آفيس"** ۾ موجود آهن، جن جو ملڻ ۽ هٿ اچڻ في الحال ته مشڪل ۽ محال ٿيو لڳي. البت ڪن مغربي مستشرقين جيڪي اهڙا ٻراڻا ۽ قديمي سنڌي ڪتاب ڇپايا آهن، تن جي مهاڳن ۽ ديباچن ۾ انهن لکيو آهي، ته اهي انهن کي سوين سال اڳ جي لکيل قلمي نسخن جي صورت ۾ دستياب ٿيا هئا، جن تان انهن سوڌي ۽ سموهي، هينئر اهي، پنهنجي طريقي ۽ نموني سان ڇپايا آهن، ٻر ان هوندي به انهن ٻراڻن ۽ اصلي دستخط مسؤدن جو ڪوبه نالو - نشان **ڏسڻ** ۾ نٿو اچي!

ڪلهوڙا حڪمرانن ۾، **"ميان سرفراز شهيد"** هڪ ناميارو حاڪم ٿي گذريو آهي. هن صاحب جي وقت ۾ ٻڻ سنڌي - زبان خاص زور ورتو ۽ هي صاحب پاڻ به سنڌيءَ جو هڪ سٺو شاعر هو، ۽ انجي "مدح"

اڄ به سنڌ جا ماڻهو، صدق دليءَ سان پڙهندا رهندا آهن.

سنڌ سونهاريءَ جو ”لاثاني“ ۽ ”لافاني“ شاعر: **حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ۽ حضرت سچل سرمست رحه** به، هن زرين دؤر جي پيداوار آهن.

ميرن جي صاحبيءَ ۾ به سنڌي زبان ڪافي ترقي ڪئي ۽ ان عهد ۾ به سنڌيءَ جا ڪيترا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا، جن ان کي پنهنجي خدا داد قابليت ۽ صلاحيت سان ڏئي ۽ مالا مال ڪري ڇڏيو. ڇيو وڃي ٿو، ته ان دؤر ۾، فارسيءَ جي پڙهائڻ لاءِ، پوري ملڪ ۾، اٽڪل پنج سؤ مدرسا موجود هئا، جن ۾ وقت جا بي نظير عالم، تڏن ۽ نکن تي ويهي، سنڌ جي هندو ۽ مسلمانن کي، تعليم جي زيور سان آراسته ڪندا رهندا هئا!

سن ١٨٤٢ع ۾، انگريزن جڏهن خيرپور جي ميرن کان زوريءَ، سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ وارو پاڳو، اپر سنڌ کان وٺندي سبيءَ تائين، هٿ ڪيو ۽ سال ١٨٤٣ع ۾، حيدرآباد جي ميرن کي ”مياڻي“ ۽ ميرپور خاص جي ميرن کي ”دبي“ (ناريجن) واري لڙائيءَ ۾ شڪست ڏني، موجوده خيرپور ضلعي کانسواءِ، ٻي سموري سنڌ تي پنهنجو قبضو ڄمائي ورتو. تڏهن ملڪي ۽ سياسي معاملن کي عام رواجي سطح تي آڻڻ کانپوءِ، انهن

ڀريائين سنڌ جي ”ڏيهي ٻولي“ ڏانهن توجهه ڏنو.

انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ، جڏهن ته سنڌ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان ”فارسي“ هئي، انگريزي انهن به ڪجهه وقت لاءِ ان کي، بدستور سابق، برقرار رکيو ۽ ڪن ترجمانن جي ذريعي حڪومت جو ڪاروبار هلائيندا رهيا.

ڪجهه عرصي کانپوءِ، ”بمبئي سرڪار“ جي تعليم کاتي، سنڌ جي تعليم کاتي کي سڌارڻ ۽ ترقي وٺرائڻ جو سمورو بار پنهنجي سر تي کنيون ۽ جئين جئين وقت گذرندو رهيو، تئين تئين، ملڪ جي حاڪمن ۽ رعيت جي دلين ۾ هي لازمي احساس پيدا ٿيڻ لڳو، ته جڏهن ته سنڌ جي ماڻهن جي ”مادري-ٻولي“ سنڌي آهي، انگريزي آفيسن وغيره ۾ ان کي رائج ڪبو، ته هن صوبي جو ڪاروبار، سوٽي نموني سان هلائي سگهبو!

سال ١٨٥٠ع ۾، جڏهن سنڌ جو چيف ڪمشنر: ”سر بارٽل فريئر“ (Sir, Bartle Frere)★ مقرر ٿي

★ هي صاحب، سن ١٨٦٢ع ۾، بمبئي علائقي جو گورنر ٿي ويو هو ۽ اتان، سرديءَ جي سخت سٽ لڳڻ سبب، انگلنڊ هليو ويو ۽ اتي ٢٩- مي ١٨٨٤ع تي، ومبلڊن (Wimbledon) ۾، وفات ڪيائين. هن جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ، هلوقت لنڊن جي ”ٽيمس ندي“ جي پل تي، هن جو هڪ پتلو کڙو ڪيل آهي.

آيو، تڏهن ان سال ١٨٥١ع ۾، هڪ گشتي مراسلي ذريعي، سنڌ جي سڀني سرڪاري ملازمن لاءِ، هي امر لازمي قرار ڏنو، ته هو سنڌي-زبان جو امتحان پاس ڪن.

هيئنر هن سرڪاري-سرڪيولر جي ڪري، ضروري ٿي پيو ته ١- سنڌ ۾ سنڌي اسڪول کان ٢- سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي ۽ ٣- ته پرديسي ڪامورا سنڌيءَ جو امتحان لازمي طور تي پاس ڪن، پر سنڌ ۾ جڏهن ته هن کان اڳ، سنڌي-ٻولي لکڻ لاءِ ڪا خاص ۽ هڪ ڪري لپي يا الف-ب رواج ۾ آيل ڪانه هئي، انڪري حڪومت جي آڏو اچي هي هڪ بنيادي سوال پيدا ٿيو، ته سنڌي-لکڻ لاءِ آخر ڪهڙي الف-ب ۽ رسم الخط مقرر ڪرڻ ۾ اچي!

ان وقت "سر رچرڊ برٽن" (Sir, Richard Burton) حڪومت جي آڏو رٿ پيش ڪئي، ته عربي-حرفن جي مدد سان، هڪ "عربي سنڌي" الف-ب وجود ۾ آڻجي، ان کي ملڪ ۾ عام ڪيو وڃي ۽ ان سان ئي آئينده سنڌي-ٻولي لکڻ ۾ اچي! هن صاحب، هن سلسلي ۾، حڪومت جي آڏو اهي وزندار ۽ عالمانه دليل پيش ڪيا هئا، جن کي ڪوبه ماڻهو يا عالم رد-قد ڏيئي نٿي سگهيو!

هن جي مقابلي ۾، الوقت جو حيدرآباد جو انگريز ٻهٽي ڪليڪٽر: "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ"

(Capt: George Stack) - جو پاڻ سنسڪرت جو هڪ وڏو ماهر هو - ڇوڻ لکيو، تہ سنڌي - ٻولي لکڻ لاءِ ديوناگري - لپي ڪم آڻڻ گهرجي ·

هنن ٻن انگريز عملدارن جي ٻن مختلف ۽ جدا جدا راين، سر بارٽل فريئر کي وڏي ويچار ۾ وجهي ڇڏيو ۽ آخر ان، هن ملڪي ۽ اهم معاملي کي، اجتماعي ۽ اصولي سطح تي فيصل ڪرڻ لاءِ، ڇهن مسلمانن - خانبهادر مرزا صادق علي حيدرآبادي، ميان محمد، قاضي غلام علي ٺٽوي ۽ ميان غلام حسين ٺٽوي - ۽ ڇهن - هندن راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ، ديوان الارام ٿانور داس، ديوان اندرام ميراڻي سيوهاڻي ۽ پرمداس اندرام رامچنداڻي حيدرآبادي - تي مشتمل هڪ "اپي - ڪاميٽي" وجود ۾ آندي، جنهنجو چئرمين، پنهنجي اسسٽنٽ : "مسٽر بي-ايچ- ايلس" (Mr. B. H. Ellis) کي مقرر ڪيائين، جو صاحب اصل "الدين - سول سروس" جو ماڻهو هو ۽ پوءِ "سر ايلس بروز" (Sir, Ellis Broughs) جي نالي سان مشهور ٿيو ·

ڪيترين ميٽنگين ۽ صلاح مشورن ڪانپوءِ، هن ڪاميٽيءَ جي هندو - ميمبرن، پنهنجي روائتي ۽ فطرتي تنگ نظريءَ کان ڪم وٺندي، ڪاميٽيءَ آڏو راءِ پيش ڪئي، تہ جئن تہ سنڌي زبان جي پراڻي سنسڪرت، نالي ورچڊا يا ورشدا پراڪرت ۽ ماءُ يا وڏي پيڻ

پراڪرت اپڀرنش يا اپڀرمسا آهي ۽ انهون پيون ويجهيون ۽ رشتيدار ٻوليون: گجراتي ۽ پنجابي آهن، جي هنوقت به ديو-ناگري لپيءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون، انڪري سنڌي-ٻوليءَ جي آئيويٽا ٻڻ ديو-ناگريءَ ۾ هئڻ گهرجي!

هيڏانهن مسلمان ميمبرن وري سرڪار کي رٿ ڏني، ته سنڌي-زبان جي لکڻ لاءِ "عربي-سنڌي" "الف-ب" مقرر ڪرڻ ۾ اچي، ڇوته:

١- ڪيتري وقت کان سنڌي-ٻولي "عربي-سنڌي" صورتخطيءَ ۾ لکي وڃي ٿي،

٢- سنڌي ٻوليءَ ۾، ملڪ تي مسلمان حڪمرانن جي حڪومتن سبب، عربي ۽ فارسي زبانن جا تمام گهڻا لفظ گڏجي ويا آهن، جنڪي هاڻي ان کان ڪنهن به صورت ۾ جدا ڪري نٿو سگهجي ۽

٣- ته اٽڪل اڍائي-ٽي سؤ سالن کان، مسلمان عالمن جي ڪوششن سان، سنڌي-ڪتابن جو جيڪو هڪ وڏو ذخيرو سنڌ ۾ گڏ ٿي چڪو آهي، تنهنڪي ٻڻ ڪنهن به حالت ۾ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي.

ازانسوءِ سنڌ-صوبي ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي، انڪري هن خطي ۾، "عربي رسم الخط" رائج ڪرڻ ئي، انصاف واري ڳالهه آهي. ازانسواءِ مسلمانن جا با مقصد ۽ بامعنيٰ نالا، جيڪڏهن ديوناگري لپيءَ ۾ لکيا ويندا، ته اهي، بي مقصد ۽ بي معنيٰ ٿي پوندا ۽ انهن جو صحيح ۽

سوٽيون صورتون ۽ هيٺيون بگڙجي قبيح ۽ مڪروهه ٿي پونديون، جا ڳالهه هو ڪڏهن به قبول ۽ برداشت ڪرڻ وارا نه آهن.

هن ڪاميٽيءَ جي مسلمان ميمبرن، هي دليل ان لاءِ، حڪومت جي آڏو پيش ڪيا هئا، جو انهن کي اوڀر-هندستان جي، وڏي ۾ وڏي صوبي: "بينگال" جي زبان "بينگالي" جي ٿيل حشر ۽ انجي عمل ۾ آيل هاڃي خرابيءَ جي غالباً پوري ڄاڻ هئي.

بينگالي زبان، بنيادي طور تي، هڪ "دراوڙي-زبان" آهي. مسلمان فاتحن جڏهن بينگال فتح ڪيو، تڏهن انهن سان گڏ عربي ۽ فارسي زبانون به هن ملڪ ۾ آيون. ٿوري وقت ۾ جڏهن اتي جي غير مسلم قومن، فڪري ۽ تهذيبي طور تي، اسلامي تعليم ۽ حقيقت کان متاثر ٿيندي، وڏي انداز ۾ مذهب اسلام اختيار ڪيو، تڏهن انهن جو مسلمانن سان، فطري ۽ عملي طور تي، لڳ لاڳاپو ۽ ميل ميلاپ وڌيو. اهڙي طريقي، "بينگالي زبان" پڻ خودبخود ان ڳالهه جو اثر ورتو ۽ ڏسندي ڏسندي ان جو دامن، عربي ۽ فارسي زبانن جي بي شمار الفاظ سان ڀرجي، مالا مال ٿي ويو ۽ انگريزن جي آمد تائين-هڪ محتاط اندازي موجب- ان ۾ پنجاهه فيصد کان به وڌيڪ، عربي-فارسي ٻولين جا الفاظ شامل ٿي چڪا هئا! باقي "دراوڙي" ۽ "سنسڪرت" لفظ پنهنجي

اصلوڪي صورت ڇڏي ۽ وڃائي، هڪ نئين ۽ عجيب شڪل اختيار ڪري چڪا هئا ۽ الهن جو، ان ٻوليءَ ۾، بالترتيب، ٽيهه ۽ ويهه سيڪڙو اندازو مس لڳي ٿو سگهجي ٿو!

انوقت اها بينگالي - زبان عربي رسم الخط ۾ لکڻ ۾ ايندي هئي ۽ انجي اها صورت ۽ حيثيت، سن ١٧٨٣ع تائين قائم رهي ۽ ان رسم الخط ۾ ئي، ان صوبي جي شهرن ۽ ٻهراڙين جا ماڻهو، تعليم حاصل ڪندا رهندا هئا.

هن وقت بينگالي زبان جنهن رسم الخط ۾ لکڻ ۾ اچي ٿي، تنهنجو پهريون ڪتاب، سن ١٧٧٨ع ۾، هڪ انگريز مصنف: "مسٽر ڊينيل براسي هال هڊ" لکيو هو، جو "بينگالي - گرامر" جي خيال سان تحرير ڪرڻ ۾ آيو هو. اهو ڪتاب لکيل ته انگريزيءَ ۾ هو، پر انجا مثال موجوده بينگالي رسم الخط ۾ ڏيڻ ۾ آيا هئا.

انهيءَ انگريز مصنف، پنهنجي بنيادي ۽ فطرتي چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي، مذڪور ڪتاب جي مهاڳ ۾، بينگالي ٻوليءَ ۾، عربي ۽ پارسيءَ جي گهڻن لفظن جي گڏجي وڃڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي، لکيو هو ته:-

" خالص بينگالي زبان جو گرامر، جيڪو عربي - پارسي رسم الخط ۾ لکيو ويو آهي، سو هن ٻوليءَ جو صحيح خاڪو پيش ڪري نٿو سگهي ۽ جو هنوقت

بينگال ۾ رائج ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو!“

مسٽر هال هيڊ، پنهنجي گرامر ۾ ڏنل مثالن ۾ جيڪو رسم‌الخط ڏنو ۽ استعمال ڪيو هو، سو بينگال جي عوام لاءِ بلڪل نئون هو ۽ اهو خود انگريزن جو ايجاد ڪيل هو!

ان نئين رسم‌الخط ۾ ٻيو ڪتاب: ”مسٽر فارسٽر“ لکيو، جا بينگالي زبان جي ڊڪشنري هئي! هن ڪتاب ۾، ٻاهر پير قدم اڳتي وڌي، عربي ۽ پارسيءَ جي لفظن جي اڪثريت کي، سري کان نظر انداز ڪري، انهن بجاءِ، بينگالي-زبان جا سنسڪرتي الفاظ جيڪي پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي ۽ گهم ڪري چڪا هئا، بنيادي شڪل ۽ اصلوڪي هجي ۾ آڻي، هن ڊڪشنريءَ ۾ شامل ڪيا ويا هئا.

هن ڪانپوءِ، انگريزن جي ان نئين ايجاد ڪيل زبان ۽ رسم‌الخط کي، عام ڪرڻ لاءِ، انگريز - سرڪار طرفان، ڪيترا قاعدا . قانون پڻ مرتب ڪرڻ ۾ آيا!

سال ١٨٠٠ع ۾، جڏهن ڪلڪتي ۾، ”فورٽ وليم ڪاليج“ قائم ٿيو، تڏهن سنسڪرت ۽ بينگالي زبانن جي هڪ انگريز پروفيسر: ”مسٽر وليم ڪيري“، هن نئين ايجاد ڪيل بينگالي زبان ۾ ”درسي ڪتاب“ لکڻ شروع ڪيا، جن ۾ ان، خاص طور تي، سنسڪرت جي لفظن کي، وڌي پئماني تي، جاءِ ڏني ۽ انهي

برعڪس هن، عربي ۽ پارسيءَ جي اٽڪل ٨٠- سيڪڙو لفظن کي، پنهنجي تحرير کيل ڪتابن کان ٻاهر رکيو! انهن ۾ "اصطلاح" وغيره بہ سنسڪرت جا ڪتب آندا ويا هئا.

اهڙيءَ طرح- انگريزن جي حرفت ۽ شرارت سان- بينگال ۾ هڪ نئين ٻوليءَ جو بنياد پيو ۽ انکي ترقي وٺائڻ لاءِ، انگريزن سان گڏ، سنسڪرت جا ڪيترا هندو عالم-فاضل پڻ شامل رهيا، جن مان "پنڊت رام باسو" جو نالو سرفهرست آهي.

سن ١٨١٦ع ۾، ڪلڪتي مان، ان نئين زبان ۾، هڪ عدد اخبار پڻ شايع ڪرڻ ۾ آئي ۽ ان زبان کي مزيد زور وٺائڻ ۽ عوام ۾ مقبول بنائڻ لاءِ، ڪلڪتي ۾ "هندو- وديا ليہ" جي نالي سان هڪ درسگاهہ پڻ قائم ڪيو ويو!

سال ١٨٣٠ع ۾، ڪلڪتي ۾ هڪ انگريزي اسڪول ۽ هڪ ڪاليج، قائم ڪرڻ ۾ آيا، جن ۾ جديد بينگالي زبان کي لازمي- مضمون قرار ڏنو ويو، جيتوڻيڪ ان وقت تائين انهيءَ زبان ۾، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب مس تحرير ڪرڻ ۾ آيا هئا!

سن ١٨٣٩ع ۾، بينگال جي هندن طرفان، هندستان جي گورنر جنرل : "لارڊ آڪلنڊ" (١٨٣٦-٤١ع) کي هڪ درخواست پيش ڪرڻ ۾ آئي، جنهن ۾ ڪانئس هيءَ

مطالبو ڪيو ويو هو، ته هوڙا نوان اسڪول، صوبي جي
پين هنڌن تي به قائم ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ فقط سنسڪرت
جي تعليم ڏيڻ ۾ اچي!

هنڌن جي هن درخواست تي تبصرہ ڪندي،
”ايشياٽڪ جرنل“ (ماهه مئي کان آگسٽ ١٨٣٩ع تائين
واري اشاعت ۾) ڇاڻايو هو ته:-

”هن مان خبر پوي ٿي، ته عوام کي صوبي
۾، هڪ عام زبان ۽ رسم الخط جي ضرورت
جو احساس پيدا ٿي چڪو آهي!“

هي گويا، سرڪاري طور تي، هن حقيقت جو اعتراف
هو، ته سن ١٨٣٩ع تائين، نه ته جديد بينگالي، ملڪ ۾
هڪ زبان جي حيثيت سان رائج ٿيل هئي ۽ نه وري
انجو ڪو رسم الخط، ملڪ جو ڪو ”واحد رسم الخط“ هو.

هنڌن جي هن قسم جي درخواست تي، افغانستان
سان جنگين (١٨٣٩-٤٠) ۾ مصروف هجڻ سبب، انگريزن
طرفان، گورنر جنرل: ”لارڊ - هارڊنج“ (١٨٤٤-٤٨ع)
جي ڏينهن ۾، يعني سال ١٨٤٤ع کان عمل ڪرڻ ۾
آيو ۽ اهڙيءَ طرح بينگال جي هر حصي ۾، اهڙا
اسڪول، سرڪاري توڙي خانگي طور تي، وڏي انداز
۾، کولڻ ۾ آيا ۽ ٿوري وقت اندر ڇڙ ته انهن جو سڄي
صوبي اندر، هڪ ڄار پکڙجي چڪو هو ۽ انهن جا
انسپيڪٽنگ آفيسر ۽ استاد به هندو مقرر ڪرڻ ۾ آيا!

هن وقت گويا انگريزن، ڪلڪتي جي پنڊتن جي مدد سان، بينگال جي هندن کي، هڪ لڏيندڙ رستي تي آڻي بيهاريو هو! هاڻي انهن، ظاهر ظهور، صوبي جي مسلمانن کي، پنهنجي ماضيءَ کان الڳ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جي رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني! جڳهه جڳهه تي، عربي-فارسي رسم الخط ۾، بينگالي ٻولي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ وارن مسلم مدرسن جي جاءِ تي جديد بينگالي ٻولي سيکارڻ وارا اسڪول کوليا ويا! بينگال ۽ بهار صوبن جو، انگريز ليفٽيننٽ گورنر: ”جارج ڪيمبل“ ته مسلمانن جي اهڙن مدرسن جو سخت مخالف هو ۽ ان سلسلي ۾ هن هڪ حڪم جاري ڪيو، ته ”گورنمينٽ پاٺشالائن ۾ فقط هندي ۽ سنسڪرت جي تعليم ڏني ويندي ۽ هنڪانپوءِ مسلمانن جي قائم ڪيل مدرسن مان صرف انهن مدرسن کي سرڪاري امداد (گرانٽ) ڏني ويندي، جيڪي پنهنجي شاگردن کي جديد رسم الخط ۾ بينگالي پڙهائڻ جو انتظام ڪندا!

هڪ طرف - انگريزن ۽ هندن جو - هي طريقو ۽ عمل جاري هو، ته ٻئي طرف وري مسلمانن کي، سندن تعليمي نظام کان پوريءَ طرح پري رکڻ لاءِ، انهن جا ”اوقاف“ ضبط ڪرڻ ۾ آيا! اهڙيءَ طرح سال ١٨٢٨ع تائين، پوري بينگال صوبي ۾، عربي - فارسي زبان کي

جيڪا سرڪاري-زبان، جي حيثيت حاصل ڪئي، انهونکان پوءِ انکي محروم ڪيو ويو ۽ انجي جاءِ تي انگريزي زبان کي رائج ڪرڻ ۾ آيو!

سن ١٨٧٣ع ۾، بينگال جي اسڪولن مان "اردو" کي پڻ موڪل ڏني وئي!

مسٽر ڊبليو - ڊبليو - هنٽر، پنهنجي تصنيف (١٨٧١ع): "دي انڊين مسلمز" ۾ لکيو آهي ته:-

"هندن کي سرڪاري نوڪرين ۽ عام ملازمتن ۾، تقريباً اجاره داري يا ٺيڪيداري حاصل ٿيل هئي. مسلمانن جي حالت - ملڪ جي هر شعبئہ زندگيءَ ۾ - ناگفتہ بہ منزل تي پهتل ڏسڻ ۾ ٿي آئي! انهن جي آمدنيءَ جا اندازاً سڀئي ذريعا ختم ٿي چڪا هئا ۽ هو هندن جي قرض هيٺان، بريءَ طرح دٻيل ڏسڻ ۾ ٿي آيا. وڏن وڏن هندن جي زميندارين ۾ انهن جون مسجديون تباهہ ۽ ويران ٿي چڪيون هيون! اسڪولن ۾ "ذريعہ تعليم" بہ هندو زبان (جديد بينگالي) ۾ رائج ٿيل هئي ۽ ان جي رستي، ملڪ جي مسلمانن کي، انهن جي مذهب ۽ تهذيب کان دور رکڻ ۾ ٿي آيو! انهن تي هڪ اهڙي زبان ۽ هڪ اهڙو رسم الخط زور سان مسلط ڪرڻ ۾ آيو هو، جيڪو انهن جي لاءِ ڌاريو ۽ بلڪل اجنبي هو.

هو. ان جو آخر اهو نتيجو نڪتو جو هو هر
ميدان ۾ بلڪل مٽجي ويا."*

ڊسمبر ١٩١١ع ۾ "دهلي دربار" جي موقعي تي،
"بينگال جي ورهاڱي" تان بہ انگريز هن ڪري ڦري
ويا هئا، جو ان سبب، بينگال جي مسلمانن جي هڪ
تمام وڏي اڪثريت کي، هندستان جي تعصبي ۽ تنگدل
هندن جي تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي استحصال ۽
غلبي کان آزادي حاصل ٿيڻ واري هئي!

هن نموني، بينگال جي هندن، اتهجي مسلمانن کي،
فقط سرڪاري نوڪرين، تجارت، زراعت ۽ صنعت وغيره
جي ميدانن مان تڙي ڪڍڻ تي اڪتفا نہ ڪئي ۽ سموري
صوبي تي صرف پنهنجو ئي اقتصادي ۽ معاشرتي نظام
مسلط نہ ڪيو، پر پنهنجي ڀراڙي ۽ فرسوده تهذيب ۽
ثقافت کي پڻ، پوري صوبي مٿان زوريءَ مڙهڻ لاءِ،
هڪ زبردست مهم ۽ جدوجهد پڻ شروع ڪري ڏني ۽
ان باري ۾ انهن کي انگريزن جو پورو پورو ساٿ ۽
۽ تعاون حاصل رهيو! (نوٽ: سن ١٩٧١ع جي آخر
واري "مشرقي-پاڪستان" جي "المناڪ الميہ" کي
پڻ، هندن ۽ انگريزن جي هن مشترڪہ ۽ ديرينہ سازش

---

* ماهنامہ: "اردو ڈائجسٹ"، ماهہ اپريل ١٩٧٠ع
صفحہ ١٩- کان ٣٢- تائين، مضمون: "جب بنگال کے
مسلمانوں نے آزادی کی جنگ لڑی"

جي، هڪ ڪڙي سمجهوڻ گهرجي!)

هن وقت شايد هي سڀئي حقيقتون سنڌ ۾ 'سر بارٽل فريئر' جي قائم ڪيل "ہولي - ڪاميٽيءَ" جي مسلمان ميمبر اڳيان، روز روشن طرح، ظاهر ۽ واضح هيون، جنهنڪري اهي پنهنجي هن مناسب گهر ۽ مطالبي تي مضبوطي ۽ مستقل مزاجيءَ سان، قائم ۽ مستحڪم رهيا.

انگريزن جـي عملداريءَ اندر، سنڌ ۾، هنـدو ۽ مسلمانن درميان هي ٻهريون بنيادي - اختلاف هـو! ياد رهي ته هن موقعي تي، ڪاميٽي مذڪور جو چيئرمين: "مسٽر اياس" ٻرڻ مسلمانن جي راءِ سان متفق هو.

هن اختلاف، توري وقت لاءِ، سر بارٽل فريئر کـي وري منجهائي وڌو. آخر هن صاحب، هي معاملو، آخرين منظوريءَ لاءِ، "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جـي ٻائريڪٽرن جي ڪورٽ اڳيان رکيو، جنهن سن ١٨٥٣ع ۾ "عربي - سنڌي" الف - ب جي حق ۾ فيصلو ڪري موڪليو ۽ اهڙيءَ طرح جولاءِ ١٨٥٣ع ۾، ٻهريون دفعو (سعفص قرشت جي ٢٢، پراڪرت جي ١٦، خالص عربيءَ جي ٦، فارسي زبان جي ٣ ۽ ٺيٺ سنڌي زبان جي ٤ - حرفن کي گڏي)، موجوده ٥١ - حرفن واري عربي - سنڌي الف - ب يا آئيوينا جو بنياد وڌو ويو.

هن منزل تي، هيءَ حقيقت ڌيان ۾ رکڻ جي قابل آهي، ته متي ذڪر ڪيل ڪاميٽيءَ، "جهه" ۽ "ڪهه"

جي مرڪب حرفن کي ڇڏي، باقي ھن الف - ب جي ٻين مرڪب حرفن، جهڙوڪ: ڀ، ٺ، ٿ، ڦ ۽ ڱ وغيره کي، ٻهنجيون موجوده خصوصي صورتون ڏنيون هيون ۽ برعڪس انجي اردو ۾ به اهي حرف، الف - ب جي ٻين حرفن سان "ه" جي حرف ملائڻ سان، وجود ۾ آندل آهن. خود انگريزيءَ ۾ به اهي حرف هـ (H) جي حرف سان گڏي، اچاريا وڃن ٿا. جيڪڏهن انوقت انهن مرڪب اکرن جي اها حيثيت برقرار رکي وڃي ها، ته اڄ جيڪا سنڌي ۽ اردوءَ جي وچ ۾ دوري ۽ ڌار ياڻپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا اصل ڏسڻ ۾ نه اچي ها ۽ ان لحاظ اڄ هيڪر، سنڌي ۽ اردو ڄاڻندڙ حضرات، هڪٻئي جي بلڪل قريب هجن ها ۽ انهن کي هڪٻئي جي ٻوليءَ سکڻ ۾ ڪابه دقت درپيش نه اچي ها، البت انوقت اسان جي انهن بزرگن کي حرف "ه" جي ٻي صورت ضرور ايجاد ڪرڻي پوي ها، جڻن اردوءَ ۾ اها اڳ ئي رائج ٿيل آهي. انهن ٻن صورتن مان هڪ کي "ه" معروف ۽ هڪ چشمي ۽ ٻيءَ کي 'ه' مجهول ۽ يا چشمي ڪوٺيو وڃي ٿو.

لڏيءَ سنڌي - لپي ٺهڻ ۽ انجي ڇپجي ظاهر ٿيڻ کانپوءِ، سنڌي - زبان ۾ زبردست انقلاب آيو: ڪن پارسي اردو، گجراتي ۽ مرهٽي وغيره زبانن جي ڪيترن ڪتابن جا ترجما ڪيا ويا. ان طرح سان سال ١٨٥٤ع

تائين، سنڌيءَ ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ رياضي وغيره جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي، عوام جي آڏو آيا ۽ الڪانپوءِ، ڏهن سالن جي هڪ مختصر عرصي اندر، صوبي ۾ ٤- هاءِ اسڪول، ٣- مڊل اسڪول ۽ ٥٤- ابتدائي اسڪول پڻ کلي ويا •

ٿوري وقت انـــدر، ملـــڪ ۾ ”سنگـي - پريس“ (Litho Presses) جي جاءِ تي لوهي - پريسون (Printing-Presses) اچي نڪتيون، جنهي ذريعي، هڪ قليل مدت اندر، ڪئين درسي ۽ ٻين قسمن جا سنڌي ڪتاب ڇپجي، علائقي جــي بازارين ۾ اچي پهتا ۽ ان بعد هن سڀاجهوڙي ۽ سهڪ ٻوليءَ کي، صوبي ۾، سرڪاري ۽ دفتري ٻولي بڻجڻ جو شرف حاصل ٿيو! سال ١٩٢٣ع ۾، هـن زبان کي، ڪاليج جــي بي - اي ڪلاس تائين ”لازمـي - مضمون“ جـو درجو ڏيڻ ۾ آيو ۽ ڏسندي ڏسندي، صوبي جي سڀني آفيسن، ڪورٽن ۽ دفترن اندر سنڌي - زبان ۾ ڪم ڪار ۽ ڪاروبار ٿيڻ لڳــو • ڪورٽن جــون سمنون، وارنٽ ۽ نوٽيس، سنڌي زبان ۾ ڇپجي، عـام ماڻهن وٽ پهچڻ لڳا • ريلوي جي اسٽيشنن ۽ ٽڪيٽن تي نالا سنڌيءَ ۾ لکيا ويا ۽ اهڙيءَ طرح پوسٽ آفيسن ۾ پڻ مني - آرڊر فارم ۽ موٽ رسيدون، سنڌي - زبان ۾ ڇپيل، حاصل ٿيڻ لڳيون •

انگريز سرڪار پاران هنڻن عملي قدمن کڻڻ ڪري،

اسانجي زبان، ٻوري وقت ۾، اينرو ته زور ورتو، جو هوءَ دنيا جي ٻين مهذب ٻولين سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي.

هن حقيقت کان ڪوبه ذي فهم ۽ تعليم يافتو ماڻهو انڪار ڪري نٿو سگهي، ته سنڌ جي ڪن متعصب هندن والگر، انگريز به اسان جي مذهب، ٻولي، تهذيب ۽ تمدن، ترقي ۽ واڌاري جا دشمن هئا، ۽ دنيا ۾ چڱن جي به ٻر لئه ۽ ٻيو ڪوئي نه آهي: انوقت انگريزن ۽ ٻين يورپي ماڻهن مان ٻڻ ڪي اهڙا نيڪ نيت ۽ حقيقت پسند ماڻهو پيدا ٿيا، جن خود اردوءَ جي سرپرستي قبول ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻرائن جواهرن کي ٻڻ درپور دريءَ مان ڪڍي، انهن جي دز وغيره کي چنڊي ۽ انهن کي سوڌي، سمهيڙي ۽ سموهي ۽ دنيا جي عالمگير ٻولي: ”انگريزي“ جو ويس پهرائي، دنيا جي مهذب قومن جي ڪنن تائين پهچائي، انهن کي، اسانجي هن بي-نظير ۽ اعليٰ ماهيت ۽ افاديت واري ٻوليءَ سان ٻهريون دفعو روشناس ڪيو! ازانسواءِ انهن پنهنجي ٻاران ٻڻ پيا ڪيترا ڪتاب لکي، انهن جي وسيلي، اسان جي علم و ادب ۽ علمي خزاني جي نشاندهي ڪري، اسان جي دلين ۾ پنهنجي ٻاهواري ٻوليءَ لاءِ فخر ۽ احساس برتري پيدا ڪيو!

اسان جي سنڌ جو سادو سودو، مهماننواز ٻيوڪدل ۽ نيڪ نيت، ٻورائتو ۽ احسان مند، پٽي جي حق کي سڃاڻندڙ ۽ پنهنجي حق جي ٻوريءَ طرح حفاظت

ڪندڙ، همرتمند ۽ سنڌ جي چوڪي مٽيءَ وانگر نرم
۽ نازڪ دل وارو، رحمدل ۽ دين اسلام جو سچو عاشق،
الله جي توحيد ۽ رسول اڪرم صلعم جي رسالت ۾ ايمان
رکندڙ، اڳين وارو ۽ در آئي کي آدر ڏيندڙ، سام پوندڙ
تي سر قربان ڪندڙ ۽ ظالم ۽ بي انفس کــي، سندس
ڪيفر ڪردار تائين رسائيندڙ، ٻراون کي پنهنجو ڪري
ڄاڻندڙ ۽ زور آورن آڏو حق جو ڪلمو چوندڙ، ڪس
ڪائيندڙ ۽ سرنديءَ تان ٽري ويندڙ، ٻين جون مدايون
در گذر ڪندڙ ۽ پنهنجن قصورن تــي نادم ۽ شرمسار
ٿيندڙ، ڀلئي کي رستو ڏيکاريندڙ ۽ منجهيٽي جــي واهر
ڪندڙ، سادو کائيندڙ ۽ سادو هنڍائيندڙ، ڳالهين جــو
ڀهير ۽ مجلس جو مور، آئيءَ ويل ڪم ايندڙ ۽ مظلوم
جو سنڌ ورنائيندڙ ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو عوام، ڪڏهن
بـــ پنهنجن اهڙن محسنن کــي وساري ۽ فــراموش
ڪري نٿو سگهي!

هـن ڪانپوءِ، اسين اهڙن مغربي عالمن ۽ فــاضلن
جو مفصل احــوال ۽ سنــڌي زبـان جــي بـاري ۾
سر انجام ڏنل ڪوشش جــو ذڪـر خيـر ڪنداسين،
جنهــي بـدولت، اســان جــي زبـان، خاص طـور تــي
اوڻيهين صدي عيسويءَ جــي پوئين اڌ حصــي ۾،
چڱو خــاصو زور ورتــو ۽ دنيـا جــي ٻين قومــن
جي اڳيـان پنهنجي حيثيت ۽ انفراديت ۽ مـاهيت
۾ افاديت جـو ڏاڪـو جمايو.

سر ايلس بروز

هن صاحب جو اصل نالو : ”بي - ايچ - ايلس“ (B. H. Ellis) هو، جو پوءِ ”سر ايلس بروز“ (Sir, Ellis Broughs) جي نالي سان مشهور ٿيو.

هي صاحب اصل سول سروس (I. C. S) جو ماڻهو هو ۽ شروعات ۾ سنڌ جي چيف ڪمشنر : ”سر بارٽل فريئر“ جو اسسٽنٽ يا معاون مقرر ٿيو.

سنڌ جي موجوده ”عربي - سنڌي“ ”الف - ب“ کي وجود ۾ آڻڻ جي سلسلي ۾، هن صاحب جيڪي ڪوششون ورتيون هيون ۽ جنهن نموني ۾ هن صاحب، سر بارٽل فريئر طرفان مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جي مسلم ميمبرن سان ساٿ ڏيئي ۽ انهن سان متفق راءِ ڏيئي، انهن جي تقاضا کي وزندار بڻايو هو، تنهن جو مفصل احوال، شروع واري باب ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ان لحاظ سان اسين، هن صاحب کي موجوده سنڌيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ موجد ۽ محسن سمجهون ٿا ۽ ان باري ۾ ٻي راءِ جو اظهار ئي نٿو سگهجي !

هن صاحب جو ٻيو ڪارنامو، ’ڪئپٽن جارج اسٽئڪ‘ جي سنڌي - انگريزي گرامر ڇپائڻ وارو آهي، جو صاحب انهي ڇاپي هيٺ، اڄ ڪان اڳ ئي نوٽ لئي ويو هو ۽

ان گرامر جو ”ٻيش لفظ“ ٻـــ هـن صاحب لکيو هو، جنهن ۾ هن، ان گرامر جـي ڇپائي پڌري ڪرڻ جـي، پوري پـوري وضاحت ڪئـي هئـي ۽ جنهنجو ذڪر، هنڪانپوءِ ”چـارج اسٽئڪ“ جـي بيان ۾، مفصل طرح، پيش ڪيو ويو آهي.

هن صاحب، سن ١٨٥٤ع ۾، ”ايسپ جون آکاڻيون“ ٻڻ انگريزي ٻوليءَ تـان تـرجمو ڪري، سنڌي - زبان ۾ ڇپايون هيـون ۽ اهـو ڪتـاب ساڍا ٧ـ ۽ ساڍا ٥ـ انچن جي سائيز ۾، ڪراچيءَ جي ”ارد - شير پارسي“ جي ليٿو - پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هـو. چيو وڃي ٿو، ته هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ ايلس جي قاضي غلام حسين مدد ڪئي هئي.

هي ڪتاب ڪل ١٨٨ـ صفحن تـي پکڙيل آهي ۽ ان ۾ جملي ٢٠٣ـ مزيدار ۽ نصيحت آميز آکاڻيون ڏنل آهن. هـي ڪتاب پراڻي ۽ اوائلي طرز واري سنڌيءَ ۾ لکيل آهي.

هن ڪتاب جي ”مندي“ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تـه :-

”هي آکاڻيون پريائين ”ايسپ“ نالي جوڙيون هيون. انجي مـوت کي ٻـه هزار چارسـؤ ورهيه گذريا آهن. سندس جـم روم جي علاقي ۾ ٿيو هو ۽ پساڻ ”پاڌو“ هـو، پـر نيت سگهورائـي ۽ سياڻپائي ۽ ذاهپ ڪان آجو ٿيو.

مسٽر بي- ايڇ- ايلس جي ڇپايل

ڪتاب "ايسپ جون آکاڻيون"

جو پهريون صفحو



سر رچرڈ برٹن

آڪاڊمين جي مثلن ڏاهڻ ۾ اهڙو پڙ هو جو اڳين
۽ هاڻين ۾ ان جهڙو ڪو نه ٿيو ۽ لکي (جيڪي
ڳالهيون هن ڪتاب ۾ آهن، سي هن جون
سيپٽي لکليون آهن، پر انجي مرڻ ڪانپوءِ، پين
ماڻهن ڪي ڏاهمون آهن، سي پڻ انهن مان
ڪيتريون تنهنجي ناليَ تي پڌريون (ٿيون) آهن
۽ سندس آڪاڊميون گهڻو ڪري ترجمو مڙني
ٻولين ۾ آهي، پر اچا توڙي سنڌيءَ ۾ نه
ٿيو هو ۽ تنهنجي موچارائي اهڙي آهي،
جنهنجي پڙهڻ سان لوڪن کي سواد اچي ٿو."
هي ڪتاب پوءِ سنڌي - ادبي بورڊ حيدرآباد؛
طرفان پڻ ڇپايو ويو آهي.

مطلب ته " ايلس صاحب " جون سنڌي زبان جي
ٻاري ۾ ورتل ڪوششون، اسانجي سپڪ ۽ سوادي
سنڌي - زبان لاءِ " سنگ ميل " جي حيثيت رکن ٿيون.
هي سنڌ جو پهريون وڏو انگريز عملدار هو، جنهن
سنڌي - ٻوليءَ جي سلسلي ۾، سنڌ جي مسلمانن جو
ساٿ ڏنو هو، جنهن سبب آخر سنڌي - زبان جي لکڻ
لاءِ، " عربي - سنڌي " الف - ب جو بنياد پيو!

سر رچرب فرئنسز برٽن

سر رچرب فرئنسز برٽن (Sir, Richard Francis Burton)، ١٨- مارچ، سن ١٨٢١ع ۾ انگلنڊ جي هڪ شهر ”هرٽفورڊ شائر“ ۾ پيدا ٿيو هو. هن جو پيءُ هڪ رٽائر فوجي آفيسر هو. ڏيهي تعليم انگلنڊ ۽ فرانس ۾ حاصل ڪيائين. والدين کي ڪل اولاد ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئا، جي آزاد قسم جي ماحول سبب پيا آزاد گهمندا ڦرندا ۽ آواره گردي ڪندا رهندا هئا! رچرڊ برٽن، ٿوري وقت لاءِ، تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان، آڪسفورڊ - يونيورسٽيءَ ۾ به داخلا ورتي هئي، پر اتان، سندس لا ابالي هلت ۽ خراب افعالن سبب، جلد نيڪالي مليس!

سن ١٨٥١ع ۾ فرانس جي شهر: ”بولان“ ۾ رهندي ويندي، ”آئسابيل“ (Isabel) نالي هڪ حسين عورت سان دل ٿي ويس ۽ آخر ڏهن ورهين جي وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد ڪانپوءِ، سن ١٨٦١ع ۾ ان سان شادي ڪيائين!

سن ١٨٤٢ع ۾ جڏهن هو اڃا ٢١- ورهين جو ڪيرو جوان هوس هو، تڏهن ڪجهه پائونڊن جي رشوت ڏيڻ سان، ”ايسٽ انڊيا ڪمپني“ جي ڏيهي پيادل فوج

(Bombay Native Infantry) ۾، لوڪريءَ جو انتظام
ڪري ورتائين. انوقت انگريزن جي افغانستان سان لڙائي
هلندڙ هئي. هوڙي وقت ۾ هندستان جي فوجي ضرورت
کي پوري ڪرڻ لاءِ هن کي انگلنڊ ۾ ڀرتي ڪري،
بمبئيءَ ڏانهن موڪليو ويو، پر هي جيستائين اتي پهچي
ئي پهچي، تنهنکان اڳ افغانستان واري لڙائي ختم ٿي
چڪي هئي، جنهنڪري هي بمبئيءَ ۾ ئي رهجي پيو
۽ اتي مختلف مشرقي ٻولين ۽ مذهبن جو، نهايت
تفصيل ۽ گهري نظرن سان اڀياس ڪرڻ شروع
ڪري ڏنائين.

ان وچ ۾ هن هڪ ١٨- نمبر فوجي ريجمينٽ اندر
ڪئپٽن جو عهدو حاصل ڪري ورتو ۽ هيڏانهن ١٧-
فبروري - سن ١٨٤٣ع تي، ” سر چارلس نيپئر “ مير -
صاحبن کان، سنڌ فتح ڪري ورتي، جنهنجي وڌيڪ
امداد لاءِ، انهيءَ ١٨- ريجمينٽ کي، بمبئيءَ کان
ڪراچيءَ ڏانهن رواني ٿيڻ جو حڪم ڏيڻ ۾ آيو.

سن ١٨٤٤ع جي شروعات ۾، ”رچرڊ برٽن“، پنهنجي
ريجمينٽ سوڌو، بمبئيءَ مان ” سيميرامز “ (Semi -
ramis) نالي هڪ سامونڊي جهاز ۾ سوار ٿي، اچي
ڪراچيءَ جي بندرگاهه تي لٿو. انوقت ڪراچيءَ ۾،
انگريزن جو ڏيهي ۽ ٻاهر ڏيهي، اٽڪل ٥- هزار
لشڪر موجود هو.

ڪراچيءَ جي آب - هوا نه وڻڻ سبب، ڪجهه وقت کانپوءِ، رچرڊ برٽن کي، هن جي ريجمينٽ سميت، ڳهاري طرف منتقل ڪيو ويو.

حڪومت جي واڳن هٿ ڪرڻ کان هڪدم پوءِ، انگريزن، سنڌ ۾، ”ڪئپٽن والٽر اسڪاٽ“ (Cap: - Walter Scott) نالي هڪ انگريز آفيسر جي زير نگراني، زمينن وغيره جي ڪڇڻ، ماپڻ ۽ انهن جي پيمائش وغيره جي معلوم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو، جنهن ڪم ۾ مدد ڏيڻ لاءِ، رچرڊ برٽن کي پڻ مذڪور عملدار جو معاون ۽ مددگار مقرر ڪرڻ ۾ آيو. ماهه نومبر ١٨٤٥ع کان هن عهدي تي رهندي، هن صاحب پيمائش وغيره جي سلسلي ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪري ورتي ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ ۽ مختلف هنڌن تي وڃڻ دوران، هن بازن ۽ شڪرن پالڻ ۽ انهن سان شڪار ڪرڻ جو شوق ۽ هنر پڻ پرايو. وچ سنڌ جي ”گوني“ ۽ پيسن واهن جون هن ٺي ماپون ڪيون هيون ۽ انهن جا نقشا پڻ تيار ڪيا هئا ئين.

هن ۾ شروعات ڪانوني، جئن ته جنسي خواهشن ۽ جذبن جو لاڙو، پين ڳالهين کان جان تان ويڙهڪ هو، انڪري ڪراچيءَ جي رهائش واري عرصي ۾، هي اڪثر اهڙين ڳالهين جي طرف وڌيڪ ڌيان ڏيندو ۽ انهن جي رازن هٿ ڪرڻ لاءِ نوان نوان رستا ۽ ذريعا

اختيار ڪندو رهندو هو ۽ ان سلسلي ۾ هــن ڪيترن ڏيهي ماڻهن سان گهاٽا تعلقات پڻ قائم ڪري ورتا هئا، جن ۾ مرد ۽ عورتون ۽ هندو ۽ مسلمان هڪجهڙا شامل هئا! هــن مکيه مقصد ۽ مطلب کــي حاصل ڪرڻ لاءِ، هن ڪراچيءَ ۾، ضروري شين ۽ سيڌي-سامان جا ٽي دوڪان پڻ کولايا، جيڪي حقيقت ۾، هنکي ان باري ۾، سموري معلومات جي پهچائڻ جا مکيه ذريعا ٿي ڏنا! ڪجهه وقت هي سر چارلس نيپيئر جو ترجمان به ٿي رهيو.

ٿوري وقت اندر، ڪراچيءَ ۾ رهندڙ فوجي ماڻهن ۾ هڪ جنسي بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو، جنهن انگريز عملدارن کــي ڏاڍي شش و پنج ۾ وجهي ڇڏيو! آخــر هيءَ خبر سر چارلس نيپيئر تائين وڃي پهتي، جنهن ان ڳالهه جي حقيقت ۽ بنياد معلوم ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ ان ڪم جــي پورائي لاءِ رچرڊ برٽن کــي ئي مقرر ڪرڻ ۾ آيو.

آخر هــن، ڪيتري جاچ ۽ چنڊ ڇاڻ ڪانپوءِ، هڪ تفصيلوار رپورٽ تيار ڪئي، جنهنجي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ، بمبئي جي بالا آفيسرن ۾ چڻ ته هڪ قسم جو خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو ۽ رپورٽ ملڻ ڪانپوءِ، خود رچرڊ برٽن متعلق محڪماتي جاچ شروع ٿــي ويئي، جنهن ۾ چون ٿا ته انهي نوڪري ته بچي ويئي، باقي ان جــي لکيل ڪتاب کي بحق سرڪار ضبط ڪرڻ ۾ آيــو! هــيءَ

ڪهڙي قسم ۽ ڪهڙي نوعيت جي رپورٽ هئي، تنهن متعلق تفصيل سان اڃا ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي، ڇو ته ڪيترن ڪوشش جي باوجود ان رپورٽ جو نالو نشان ملي نٿو سگهي! سن ١٨٤٦ع ۾، هن کي هڪ وبا اچي ورتو، جنهن سبب، ٢- سال موڪل وٺي، وچين هندستان جي پهاڙي علائقن ۾ رهيو.

ڪجهه وقت بعد، رچرڊ برٽن 'مرزا عبدالله ابو شائري' سڏائڻ شروع ڪيو ۽ روزانه رات جو، عربي ۽ ايراني ويس ڍڪي، "مرزا محمد حسين شيرازي" نالي هڪ ديسي دوست سان، ڪراچيءَ جا محلا ۽ گهٽيون گهمندو وتندو هو.

سن ١٨٥٣ع ۾ هن، پنجن سالن جي سخت ڪشالن ۽ اهم تيارين ڪانپوءِ، افغان حڪيم: "حاجي عبدالله" جي فرضي نالي سان، حرمين شريفين جي ٺهه زيارت ڪئي! هو عربي زبان جو وڏو ڄاڻو هو ۽ عربي نهايت سهڻي ۽ فصيح نموني سان ڳالهائي سگهندو هو! ڇون ته، ته هو ظاهري طور تي مسلمان نه هو، پر اسلام سان دلي عقيدت سا ضرور هوندي هيس. حرمين شريفين جي زيارت ڪانپوءِ، هن "حجر اسود" ۽ حج جي ارڪان ۽ رسومات تي، اميريڪا ۽ انگلنڊ جي ڪن اخبارن ۾، سير حاصل مضمون لکيا، جنهن تي سڄي اسلامي دنيا ۾ هراس ڦهلجي ويو.

سن ۱٨۵۴ع ۾ هو، افريڪا جي هڪ ملڪ : 'سوماليه' جي گادي ”هرار“ جي مهم تي روانه ٿيو، جنهن ۾ به ڪاميابي حاصل ڪيائين.

۱٨۵۷ع ۾، ”مسٽر اسپڪ“ سان گڏجي، مصر جي مشهور : ”نيل“ نديءَ جي لڪرڻ جو هنڌ، يعني ڪامرون علائقي ۾ ”ڏانگا نيڪا“ نالي هڪ ڍنڍ وڃي ڳولهي لڌائين! ان نموني هـن ٻيون بـه ڪيتريون خطرنـاڪ مهمون سـر ڪيون ۽ ڪجهه وقت، انگريـز سرڪار طرفان، شام ۽ ٻين ملڪن ۾، سفير به ٿي رهيو ۽ شاندار خدمات جي عيوض ڪيس برطانيه سرڪار پاران ”سر“ (Knight) جو خطاب ڏيڻ ۾ آيو.

۲۰- آڪٽوبر، سن ۱٨۹۰ع تي، هن ”هرفن مولا“ قسم جي جانباز ۽ بيباڪ شخص، ۷۰- ورهين جي وڏي وڏي ڄمار ۾، انگلنڊ ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس انگلنڊ جي هڪ مشهور شهر : ”سري“ جـي ”مارٽيلڪ“ نالي هڪ قبرستان ۾، تنبوءَ جي صورت ۾ ٺهيل، هڪ سنگمرمر جي مقبري ۾، دفن ڪرڻ ۾ آيو.

چيو وڃي ٿو، تـه هنجي مري وڃڻ ڪانپوءِ، هنجي گهر واريءَ، پاڻ ڪـي پورا ۱۷- ڏينهن، هنونجي مڙس جـي ڪمري ۾ بند رکي، انجا لکيل اڪثر ڪتاب ۽ ڪاغذ پاڻهه ۾ ساڙي ناس ڪري ڇڏيا هئا، جنهن سبب، دنيا جا ماڻهو، هن محنتي ۽ مهم جو شخص جـي انجام

ڏنل ڪيترن ڪارنامن کان ضرور واقف رهجي ويا ۽ ان طرح دنيا جي ادب کي بہ وڏو نقصان رسيو! ٿي سگهي ٿو، تہ انهن ناس ڪيل دستاويزن اندر اسانجي سنڌ متعلق بہ ڪو وڌيڪ احوال درج ٿيل هجي! چيو وڃي ٿو، تہ هنجي بيگم، هنجي حياتيءَ تي، هڪ هزار صفحن تي ٻڪڙيل هڪ ڪتاب (The Life of Sir Richard) جي نالي سان لکيو هو، جو تازو ٻن جلدن ۾ ڇپيو آهي.

رچرڊ برٽن جا جيڪي ڪتاب هٿ اچي چڪا آهن، تن مان هيٺيان چار، سنڌ متعلق لکيل آهن:-

١- سنڌ، يا ڏکوندي ماٿري (Scind, or, the un-happy Valley) (١٨٥١ع)، ٢- سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون (Scind, and the races that in-habit in the valley of the Indus) (١٨٥١)، ٣- سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪري بازي (Falconary in the valley of the Indus) سال (١٨٥٦ع) ۽ ۴- سنڌ جي ٻيو دفعو زيارت (Scind, revisited) (سال ١٨٨٧ع).

هن الف-ليلي، حضرت سعدي رحہ جي گلستان ۽ هندن جي جنسياتي ڪتاب: "ڪاما سوترا" (Kama-Sutra) جو پڻ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ڪاما-سوترا جي معني آهي: "ڪام-شاستر"، يعني جسماني ۽ شهواني خواهشن تي لکيل ڪتاب. سوتر لفظ جي

معنيٰ آهي: ڏرمي ۽ ٻين ڳالهين بابت ننڍڙا قاعدا ۽ وچن، جي مايه دار لفظن ۾ چيل هوندا آهن. سوتر، سمرتي ۽ ڏاڪي کي به چئبو آهي ۽ اصطلاحي طور تي سوتر جي معنيٰ ٿئي ٿي، سمرتي يا ڏاڪي ۾ ٻوتل مٺيادار موتي! اهو ڪتاب ٢- هزار ورهيه اڳ، هندستان ۾، سنسڪرت زبان ۾ لکيو ويو هو ۽ گذريل جنوري، سن ١٩٦٩ع تي، انجا گيت ۽ وچن، پارٽ جي، سال ١٩٦٦ع واري "عالمي حسينه" مس ريتا فريا، ٻهريون دفعو، لنڊن ۾، رڪارڊ ڪرايا هئا، جن جي ڳائڻ ۾ ان سان گڏ، پارٽ جو هڪ نوجوان مسلم گريجوئيٽ نالي: 'محمد حسين' به شامل هو! اهي رڪارڊ، عام ماڻهن ۾، فروخت ڪرڻ جي غرض سان، ماهه فيبروري ١٩٦٩ع تي، لنڊن جي مارڪيٽ ۾ مهيا ڪيا ويا هئا! ياد رهي، ته ان پارٽي عالمي حسينه، آئرلنڊ جي هڪ "ڊاڪٽر ڊيوڊ - اڏنٿوني ڊاويل" سان شادي ڪئي هئي، جنهن سان هنجي، لنڊن ۾ ڊاڪٽريءَ جي تعليم حاصل ڪندي، دوستي ٿي وئي هئي! هاڻي هي جوڙو، مستقل طور تي، انگلنڊ جي شهر: "بوسٽن" (Boston) ۾ رهي ٿو.

رچرڊ برٽن، پنهنجي مشهور تصنيف: "سنڌ ۽ سنڌو-ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون" ۾، سنڌ جي قديمي قصن ۽ ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:-

"سنڌي زبان ۾ قصا ڪهاڻيون، اڪثر اڳين

هندو راجائن ۽ مسلمان بهادرن بابت آهن، جن
مٿن سوڀ حاصل ڪري، سنڌ فتح ڪئي هئي.
اهڙا افسانا گهٽيٽي لکيل آهن، پر انون ڪان
وڌيڪ پنن ۽ لنگهن کي زباني طور ياد آهن ۽
هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ خاص اهميت رکن ٿا."
سنڌي ادب جي باري ۾ هو صاحب، ساڳئي ڪتاب
۾ لکي ٿو ته:-

"سنڌي-ساهت بابت هيترو چوڻ ڪافي ۽
وافي آهي، ته جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو،
تڏهن ڪنهن به "ڏيهي ٻوليءَ" ۾ ايترو علم-ادب
موجود ڪو نه. هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود
هو، پر ان جي شاهوڪاري عربي ترجمن ۽ مذهبي
ڪتابن تي منحصر آهي. انهن ڪتابن جي پوري
ڪٿ نٿي ڪئي سگهجي، پر هيترو يقين آهي،
ته ٢-٣ سؤ قلمي نسخا ڪٺا ڪري سگهبا."
ساڳئي ڪتاب ۾ هن صاحب، سنڌ جي شعر بابت
ڄاڻايو آهي ته:-

"هندستان جي ٻين پاڱن وانگر، سنڌ علائقي جو
"نظمي ادب"، باطراوت، ورجيسن ۽ اصطلاحن
سان ڀريل، طبعزاد، جهجهو لفظن ۽ عبارتن ۾
گونا گون ۽ ساڳئي وقت سادو ۽ فطري آهي."
سنڌ ۽ هند وغيره جي صوفياني شعر ۽ سنڌ جي

مايہ ناز ۽ لاثاني شاعر؛ حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ متعلق، مذڪور ڪتاب ۾ وري چاڻايو اٿس تہ :-

”صوفي شاعر، اڪثر زبان ۽ طبعي علم جو واقف ۽ ماهر هوندو آهي. هنڪي ”سرود“ جي ذات هوندي آهي ۽ هو پنهنجي شعر ۾ بي ڏڪ تشبيهون ڏيندو آهي، جنجي عام فهم دانائي، سڀ ڪي پسند ايندي آهي. هنجي شعر جي اندروني ۽ باطني معني، سواءِ ڪن عالمن جي، ٻين جي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي. انهيءَ قسم جا مشهور شاعر، عربن ۾ :- ”ابن الفارض“ ايران ۾ :- ”حافظ شيرازي“ ۽ سنڌ ۾ : ”شاهہ ڀٽائي“ آهن........

سنڌ جي شاعر : ”شاهہ ڀٽائي“ لاءِ مشڪل ڳالهہ هيءَ هئي، تہ انجو واسطو هڪ دهقاني ٻوليءَ سان هيو هو ۽ انجا ٻڌندڙ خيال ۽ فڪر وارا ڪونہ هئا!

هو پنهنجي شعر جي سونهن، حرف تجنيس ۽ ذو معنيٰ ۽ ترنم وارن لفظن جي وڻندڙ ترتيب سان ڪريٿو. هو پنهنجي علم جو اظهار، ڪٿي ڪٿي، عربي ۽ پارسيءَ جي ٻولين جي اشارن سان پڻ ڪريٿو ۽ ڪن جاين تي انهن جي عبارتن جا حوالا بہ ڏئي ٿو. هن جو سمورو ڪلام، انهن

خيالن ۽ مضمونن سان واسطو رکندڙ آهي، جنکان هن جا هم وطن اڻ ـ ئي واقف آهي، ٻر هن انهن کي هڪ عجيب اصول جـي اظهار لاءِ استعمال ڪيو آهي. هنجي ڪلام جا ڪيترا حصا ڏيکارين ٿا، ته هن کي مهذب ”گهرو-زندگي“ لاءِ قدر آهي.

شاعر طبقي جي ماڻهن مان اهڙي ڳالهه جي اميد رکڻ، گهڻـو ڪري، مشڪل هوندي آهـي، تنهنڪري اهي ماڻهو، جيڪي شاهه جـو شعر سمجهي سگهن ٿا، سي هنجي شعر کـي ٻڌي، ڏاڍا خوش ٿيندا آهن! عالم انجي خوبين جـي ساراهه مان ڍاپن ئي نٿا ۽ هو اهو شعر، هـر وقت ”يڪتاري“ تي ٻڌڻ پسند ڪندا آهن. اڻ پڙهيل ماڻهن کي ٻه انجي شعر جـا مصرع بر زبان ياد هوندا آهن ۽ هو انهن جــي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. “

ساڳئي ڪتاب ۾ برٽن، سنڌ جـي جمالي ۽ جلالي صوفين جو ذڪر ڪندي، ”حضرت قلندر شهباز- مروندي“ جي بنسبت، رقمطراز آهي ته :-

”سنڌ ۾ تصوف جا مکيه ٢- فرقا آهـن : ١- جلالي ۽ ٢- جمالي. چون ٿا ته ”جلالي“ فرقي وارا، ”وجود مطلق“ جي جلالي-وصفن جو تصور ڪندا آهن ... جلالي فقير جي تعليم

ٻڌهي هوندي آهي ان ۾ هنکي ڪيترين
ريتيون-رسمون ادا ڪرڻيون هونديون آهن...

سنڌ ۾ "جمالي-صوفي"، زماني جي
خيال کان، پنهنجي جلالي-ڀائرن کان زيادہ عزت
وارا ليکيا ويندا آهن. جلالي فقير، ڪليو ڪلايو،
شرعي احڪام جي ابتڙ هلندا آهن، مگر جمالي
فقير، شريعت جي حڪمن جي پيروي ڪندا آهن.

سنڌ ۾ "جلالي-فقير"، گهڻو ڪري مفلس
هوندا آهن ۽ گذران ڏاڍو ڏکيو ٿيندو اٿن! سنڌ
۾ هنن جو مشهور مهندار: "قلندر-شهباز" ٿي
گذريو آهي. هن بزرگ جو اصل نالو:
"حضرت عثمان مروندي" هو، جو صرف ونحو
جو وڏو ڄاڻو، ٻولين جو ماهر ۽ هوشيار سياح هو.
هن سن ٦٧٣ هه، مطابق سن ١٢٧٤ع ۾، سيوهڻ
۾ وفات ڪئي. "قلندر" هو، تنهنڪري
شادي ڪرڻ جي خلاف هو، جنهنڪري هن
پوئتان پنهنجو ڪوبہ اولاد ڪونہ ڇڏيو! هاڻي
هنجا خليفا ۽ هنجي درگاهہ جا مجاور، ماڻهن کي
"مريد" بڻائيندا وتندا آهن. زيارتين جي طرفان
هنجي مقبري جو تمام وڏو ادب ۽ احترام
ڪيو ويندو آهي........

هن درگاهہ تي هميشہ سوالين ۽ زيارتين جا

ميلا لڳا پيا هوندا آهن. شاهوڪار ماڻهو هنجي تربت تي، ٻڙ چاڙهيندا آهن، نذرانو ڏيندا آهن، جنهنجو ڪجهه حصو مجاورن کي ملندو آهي ۽ ڪجهه حصو خليفا کڻندا آهن.........

هن کي "شهباز" انڪري ڪوليندا آهن، جو هڪ روايت مشهور آهي، تہ هنجي هڪ دوست: "شيخ صدر" کي، ڪافرن، جادوگر سمجهي، جنهنجي قيد ۾ وڌو هو ۽ هن درويش انوقت "باز" بڻجي، ان کــي قيد مــان آزاد ڪرايو هـو!"

مطلب تہ هن صاحب جو هي ڪتاب سمورو "سنڌ" جي قسمين قسمين ڪهاڻين ۽ روايتن سان ڀريل ۽ مالا مال ٿيل آهي. تازو ان ڪتاب جو، سنڌي - ادبي بورڊ، حيدرآباد طرفان، سنڌ جــي مشهور عالــم ۽ قانوندان: "مسٽر محمد حنيف صديقي شڪارپوري" ڪان، سنڌيءَ ۾ تــرجمو ڪرائي، انکي نهايت سوٺي نمــي ۽ سٺي ٽائيپ ۽ گيٽ - اپ سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويــو آهي. هي ترجمو ٿيل ڪتاب ڪل ٣٨٤ـ صفحن تــي مشتمل آهي: هر سنڌيءَ کي هي ضرور پڙهڻ گهرجي.

جنهنجي ٻئين تصنيف: "سنڌ يا ڏکوندي ماڙي" ۾ هن صاحب سنڌ جي غريب مارونڙن جي ڏکن ۽ ڏمن جو نهايت وڻندڙ پيرائي ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح

" سنڌو مائريءَ ۾ شڪري بـــازي " واري ڪتاب ۾ وري سنڌ ۾، شڪري يا باز جي ذريعي شڪار ڪرڻ جي ريتين - رسمن ۽ طور - طريقن جو بيان ڪيو اٿس!

هن پنهنجو چوٿون ڪتاب : **" سنڌ جو ٻيو دفعو زيارت "**، سن ١٨٧٦ع ۾، بهار جي موسم ۾، سنڌ ۾ ٻيو دفعو اچڻ ڪانپوءِ، لکيو هو ۽ اهو سن ١٨٧٧ع ۾، لنڊن ۾، ڇپجي ظاهر ٿيو . هن ڪتاب ۾ رچرڊ برٽن، پنهنجا اکيان مشاهدا، هڪ نئين - رنگ ڍنگ ۽ مزاحيه طـــور طريقي سان بيان ڪيا آهن! هـــي ڪتاب جيتوڻيڪ، هنجي ٻين ڪتاب وانگر، علمي - ادبي طرز ۽ اڪثر نگاهه کان نه لکيو ويو آهي، تاهم هنجي هيءَ تصنيف، دل ولدرائڻ جـو هڪ ذريعو ضرور سمجهي وڃي ٿي . هي هڪ هوشيار گهوڙيسوار به هو ۽ ڪيتري وقت تائين ترڪن جي هڪ قبيلي : " باشي بزوڪ " جي گهوڙي سوار دستن جو ڪمانڊر به ٿي رهيو هو!

تازو، هن جي سوانح-حيات متعلق، هڪ نئون ڪتاب، هـــڪ انگريـــز عـــالم : **" مسٽر بـــائرن فارويل "** (Mr. Byron Farwell) جـــو لکيل، لنڊن ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو آهـــي . ان جي مهاڳـــ ۾، مصنف هڪ هنڌ، سنڌ جي ماڻهن متعلق چاڙهايو آهي ته :-

" جڏهن برٽن سنڌ ۾ هئو، تڏهن انگريزن جو خيال هـــو، تـــه گهٽ ۾ گهٽ ١٠ - سالن تائين،

سنڌ جا ماڻهو ”گوريلا - جنگ“ جاري رکندا، پر سر چارلس نيپئر، حڪومت جو اهڙو ته انتظام رکيو، جو هڪ ئي سال جي اندر، سنڌ، پوري هندستان ۾، سڀ کان وڌيڪ ”پر - امن“ صوبو سمجهڻ ۾ آيو! هن تي هڪ بلوچ پنهنجو رايو ڏنو هو، ته ”هاڻي سنڌ ۾ اهڙي قدر ”امن“ قائم ٿي چڪو آهي، جو جيڪڏهن اوهان ان جي هڪ ”ڏيهيوءَ“ کي ڦاسائيندا، ته اهو به اوهانکي ڏنگ نه هڻندو!“ سر چارلس نيپئر، سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ڪرڻ سان، ملڪ ۾ ڪي اهڙا قانون نافذ ڪيا هئا، جيڪي شروعات ۾ ”سنڌين“ جي سمجهه ۾ نٿي آيا! سر چارلس نيپئر، سڀ کان اول، سنڌ جي ”حبشي غلامن“ کي آزاد ڪرايو ۽ انڪانپوءِ اعلان ڪيائين، ته جيڪو ماڻهو ڏوهه ڪندو، حڪومت جي طرفان سزا به ان کي ملندي. هن کان اڳ ملڪ ۾ اهو دستور رائج ٿيل هوندو هو، ته جيڪڏهن ڪو پئسي وارو يا شاهوڪار ماڻهو، ڪو جرم ڪندو هو ۽ ان کي ميرن يا قاضين جي پاران ڪا سزا ڏيڻ ۾ ايندي هئي، ته هو پئسن سان ڪو ٻيو ماڻهو يا غلام خريد ڪري، ان کي پنهنجي پاران، حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ انڪانپوءِ اها سزا، ان کي ڀوڳڻي

هوندي هئي ! سر چارلس نيپيئر گويا، اهو 'بالواسطه' واري سزا جو اصول ۽ قانون، آئينده لاءِ رد ڪري ڇڏيو هو ۽ ان ڳالهه کي عملي طرح ثابت ڪرڻ لاءِ ان، هڪ خون جي ڏوهيءَ کي، سندس ڏوهه جي ثابت ٿيڻ تي، ڦاسي ڏياري ڇڏي!

سر چارلس نيپيئر، سنڌ مان هي رواج به ڪڍي ڇڏيو، ته زنا جي ڏوهه ۾، مڙس، پنهنجي زال کي، پنهنجي هٿن سان، قتل ڪري سگهي ٿو!"

اسان هن کان اڳ ۾ ڄاڻايو آهي، ته سر رچرڊ برٽن، "سنڌي - ٻولي" جي هڪ لپي ڳولهڻ واري ڪاميٽيءَ آڏو هي ظاهر ڪيو هو، ته "سنڌي - زبان" کي لکڻ لاءِ، "عربي - سنڌي" الف - ب کان ڪم ورتو وڃي ۽ ان جي باري ۾، هن صاحب جيڪي لاجواب دليل پيش ڪيا هئا، سي هي آهن :-

١- سنڌي زبان کي لکڻ لاءِ، ديو ناگري يا ٻئي قسم جون صورتخطيون، هن ٻوليءَ جي موجوده صورت جي نڪتهء نظر کان، بلڪل بيڪار ۽ اجايون آهن، ڇو ته ديو - ناگري خط کٽي ڪيڏو به عالمانه ۽ فاضلانه ڇو نه هجي، پر ان هوندي به ان ۾ ايڏا سقم ٿا ڏسڻ ۾ اچن، جو انهن جي ڪري، ڪنهن به ٻوليءَ کي صحيح طور تي ٿيستائين لکي نٿو سگهجي، جيستائين انجي "الف - ب" جي ٢٠- اکرن کي مختلف اعرابون نٿيون

ڏنيون وڃن.

٢- ديــو نــاگري خط ڏکيو ۽ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ غير موزون آهي.

٣- هندن جي طرفان پيش ڪيل "خدا بادي خط" لاءِ وري هن جو چوڻ هو، تہ اهو خط هندن جي واپاري ۽ تجارتي طبقي ۾ برابر رائج ٿيل آهي، پر عام ماڻهن جي فهم ۽ سمجهہ کان گهڻو مٿي آهي.

٤- "گرمکي خط" جي باري ۾ وري هن صاحب جو دليل هو، تہ اهو خط "پنجابي - زبان" لاءِ تہ موزون ۽ مناسب ٿي سگهي ٿو، پر سنڌيءَ لاءِ ان کي ڪڏهن بہ صحيح ۽ برابر چئي نٿو سگهجي، ڇــو تــہ انجي استعمال ڪــرڻ ۽ ڪتب آڻڻ ڪانپوءِ، ان جـــي حرفن ۾ وڏي ڦير ڦار آڻڻ جي ضرورت ٿيندي، جــو نهايت مشڪل ڪم آهي.

٥- عربيءَ جي طرز تحرير، سنڌيءَ کي بلڪل قريب ۽ ويجهي آهي ۽ انجي اهميت ۽ مقبوليت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي. ان کي دنيا جي وڏي حصي ۾ لکيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ۽ اها دنيا جـــي هڪ مهذب ۽ صدين کان چاتل سڃاتل زبان آهــــي، انڪري هنکي "ايشيا - ڪنـــڊ" لاءِ نهـايت عمدي ۽ ڪارائتي صورتخطي سڏي سگهجي ٿــو. سنڌو - ماٿريءَ جو اڪثر ادب پڻ اسان کي ان خط ۾ ئي دستياب ٿيو آهــــي،

جنهنڪري هن خطي جا مسلمان چڱيءَ طرح پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا ۽ هن صوبي جا هندو عامل، جيڪي پارسيءَ جو "خط نستعليق" چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهن، تن لاءِ پڻ عربيءَ جو رسم الخط ڏکيو نه ٿيندو.

هن صاحب جا، هي دليل پنهنجي جاءِ تي ايتري ته وقعت ۽ اهميت رکندڙ هئا، جو آخر انگريز حڪومت کي ان خط ۾ ئي سنڌي- زبان لکڻ جو حڪم صادر ڪرڻو پيو! ٿوري وقت لاءِ جيڪڏهن هن حقيقت تي ويهي ويچار ڪجي، ته جيڪڏهن هن غير ملڪي ماڻهوءَ جا هوڙا تز ۽ لاجواب دليل پيش ڪيل نه هجن ها ۽ سنڌ جي مسلمانن جي ڏنل راءِ کي پڻ رد ڪري، (خدانخواسته) سنڌيءَ کي ٻئي ڪنهن رسم الخط ۾ لکڻ جو فيصلو ڪيو ويو هجي ها، ته اڄ اسانجي حالت ۽ حيثيت ڪهڙي حد کي پهتل هجي ها: هن قسم جي ٿورڙي خيال ۽ تصور ڪرڻ سان ئي، اسانجي جسم جو وار وار ڪڙو ٿي وڃي ٿو ۽ ان نڪتہ نظر سان، اسان هن شخص جو اهو احسان، ڪڏهن به وساري ۽ در گذر ڪري نٿا سگهون.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (Capt. George Stack)، شروعات ۾ جڏهن "ايسٽ انڊيا - ڪمپني" ۾ ملازم ٿيو، تڏهن هنکي ٻرپائين "بمبئي" موڪليو ويو، جتي هن هندي ۽ سنسڪرت زبانن ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪئي ۽ انهن ٻولين تي چڱو خاصو عبور حاصل ٿيس.

هن کي اول فوج ۾ رکيو ويو هو، جتي هن، محنت ۽ هوشياريءَ سان، جلد ڪئپٽن جو درجو حاصل ڪري ورتو. سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ جي فتح ٿيڻ کانپوءِ، هنکي سن ١٨٤٥ع ۾، سنڌ ۾ موڪليو ويو، جتي هي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. هنجي هن عهدي تي فائز ٿيڻ کانپوءِ، سنڌ ۾، جڏهن سنڌي - زبان جي "الف - ب" ٺاهڻ جو سوال پيدا ٿيو، تڏهن هن صاحب جو رايو ٻڻ لپي ڪاميٽيءَ جي هندو - ميمبرن جهڙو هو، يعني هن جو ٻڻ چوڻ هو، تہ جيئن تہ سنڌي-ٻولي، سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ هن جو لاڳاپو، ٻين ٻولين جي مقابلي ۾، پراڪرت ٻولين سان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هن ۾ انهن ٻولين جا آڳاٽا ۽ قديمي نشان ۽ آثار اڃا بہ گهڻي پاڱي موجود آهن، انڪري، هن ٻوليءَ کي لکڻ لاءِ آئيوڻا ٻڻ ديو - ناگري هئڻ گهرجي!

DICTIONARY

SINDHI AND ENGLISH

CAPTAIN GEORGE STACK.

Printed by Order [illegible]

BOMBAY.

[illegible] PRESS.

[illegible]

کئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڇپايل

”سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري“

جو ٽائيٽل صفحو.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي

"سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري"

جو هڪ اندريون ورق

ڪئپٽن موصوف، پاڻ سنسڪرت ۽ هندي زبانن
جو وڏو ڄاڻو هو ۽ اوائل ۾ بمبئيءَ جي رهائش وقت
هن تي هندو عالمن ۽ برهمڻن جي صحبت جو وڏو رنگ چڙهيل
۽ اثر پيل ٿو ڀانئجي، انڪري ئي هن شايد سنڌي-زبان
جي الف-ب لاءِ اهڙو رايو ڏنو هجي، پر ٻئي پاسي
هنکي سنڌي-زبان لاءِ وڏي عزت ۽ محبت پڻ هوندي
هئي ۽ پين ڏيهي ٻولين کان، هن کي مٺيرو ڀائيندو
هو ۽ ان زبان جو پڻ چڱيءَ طرح مطالعو ڪري، ان تي
هن ٣ مشهور ڪتاب لکيا، جن مان هڪ، سنڌي-انگريزي
لغت هئي، جا هن بمبئي مان، سال ١٨٤٩ع ۾ ڇپائي
پڌري ڪئي هئي.

هن جو ٻيو ڪتاب: ”سنڌي گرامر“ هو، جو پڻ
١٨٤٩ع ۾، بمبئيءَ مان ڇپجي ظاهر ٿيو هو. هن جو
ٽيون ۽ ناميارو ڪتاب: 'سنڌي-انگريزي ڊڪشنري'
هئي، جيڪا هن ”انگريزي - ديوناگري“ لپيءَ ۾،
١- مارچ سن ١٨٤٧ع تي، لکي پوري ڪئي هئي ۽ انجي
لکڻ ۾ هن حيدرآباد جي ٻن برهمڻن: سچانند ۽ چيتانند
کان مدد ورتي هئي.

حيدرآباد ۾ رهندي، جي صاحب، ڪنهن ڏکي ۽
خطرناڪ بيماريءَ سبب، ٻه ڀيرا موڪل تي، انگلنڊ روانو
ٿي ويو هو، جتان موٽي اچڻ کانپوءِ، مٿي ذڪر ڪيل
”سنڌي-انگريزي“ لغت کي ڇپائڻ جو ڪم شروع

ڪيو هئائين ۽ ان ڏڪشنريءَ جا ١٦٠- صفحا مس ڇپيا هئا، تہ ٻاڻ وري ولايت هليو ويو ۽ اتي ماهہ ڊسمبر، سن ١٨٥٣ع ۾ وفات ڪيائين.

هن جي مرڻ وقت ڪانپور، ان ڏڪشنريءَ جو ذمو، سر بارٽل فريئر جي سيڪريٽري: 'مسٽر بي- ايچ- ايلس' ٻاڻ تي ڪنيون ۽ ان جو مهاڳ پڻ ان صاحب لکيو.

مسٽر ايلس، ان ڏڪشنريءَ جي "پيش لفظ" ۾ لکي ٿو تہ:-

"موجوده تصنيف جي اشاعت لاءِ، چند وضاحتي لفظن جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ جو هن جو مصنف، هنجي مڪمل ٿيڻ ۽ پريس مان ڇپجي نڪرڻ تائين، زنده نہ رهيو.

ڇپايل "انگريزي- سنڌي ڏڪشنريءَ" جي ٻئي ڀاڱي لاءِ، هن پنهنجي دماغ ۾ ڪجهہ تصور ويهاريو هو ۽ ان لاءِ مواد بہ ڪجهہ ڪٺو ڪيو هئائين، پر ساڳئي سال، سندس طبيعت جي ناسازيءَ، وطن ورڻ لاءِ مجبور ڪيس.

حقيقتاً هيءَ ڏڪشنري ئي هن جي بيماريءَ جو باعث بڻي هئي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت ۾، مختلف ۽ انيڪ فرضن جي سر انجاميءَ جي باوجود، هن هيڪو ڏڪشنرين جي تياريءَ جو، پنهنجي طبيعت تي بار گران

وڏو هو، سو هنجي صحت تي اينرو ته اثر انداز
ٿيو، جو مجبوراً کيس هي هنڌ ڇڏڻو پيو. ان
هوندي به هن صاحب، ان خيال کي بلکل ڇڏي
ڪونه ڏنو، پر ان کي ڪجهه وقت لاءِ پاسيرو
سو ضرور ڪري رکيائين ۽ دوباره هٿ اچڻ
وقت، سنڌ ۾ ڪنهن زياده آمدنيءَ واري عهدي
۽ صحتمند هنڌ تي پنهنجي مقرريءَ جي خواهش،
فقط هن خيال سان ظاهر ڪيائين، ته جئين سندس
لڪل دلي مراد پوري ٿئي، يعني هن پنهنجي
لکيل ڪتاب ڪي اشاعت جي منزل تائين
پهچائي سگهي!"

هن ڊڪشنريءَ جي اشاعت جي باري ۾ وڏيڪ هو
صاحب ڄاڻائي ٿو ته :-

"بمبئي سرڪار جيئن ئي هن جي ان تصنيف
جي ڇپائڻ جي موڪل ڏني، تيئن ئي ۱۸۵۳ع
۾ هي صاحب موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ پنهنجي اوائلي
مواد ۾ ڪجهه قدر ردو بدل آندو ۽ ان ۾ ٿورو
گهڻو اضافو ڪري، ان کي پريس جي حوالي
مس ڪيائين، ته اوچتو ڊسمبر ۱۸۵۳ع ۾، مٿس
موت اچي ڪڙڪيو! هن جي هن ڪمهلي
وفات وقت، هن ڪتاب جا ۱٦۰ صفحا پريس ۾
ڇپجي چڪا هئا، باقي (ج) ڪانوني پڇاڙيءَ

ھي حرف تائيپ اکر، لظر ثاني ۽ درستي نہ
ڪرڻ سبب، ڇپجڻ جي انتظار ۾ ھئا ۔ ان کانسواء
” الف ۔ ب “ جا آخرين ۹۔ اکر اڃا حکومت
جي زير غور ھئا، انکري انهن کي ٻه ٽريس ۾
اڃا ڪو نہ موڪليو ويو ھو ۔ “
ان ڊڪشنري ۾ رهجي ويل غلطين جي سلسلي ۾،
ھن صاحب چاڻايو آھي تہ :-
” ھن پيشڪش جي غلطين تي تعجب جو
اظهار ڪرڻ بيسود آھي، ڇو تہ جهڙا لکيت،
ٽنهنجي لکندڙ جي دوباره زير غور نہ رھي ھجي
۽ خاص طور تي ڊڪشنري؛ جنهن جو تحرير
ڪرڻ، پڙھ لکيتن جي مقابلي ۾، وڌيڪ خبرداري
۽ چنڊ چاڻ جو مستحق آھي ۽ جن نا موافق
حالتن ھيٺ ھن ڊڪشنري کي مڪمل ڪرڻ
۾ آيو ھو، تن سيني ڳالھين کي اڳيان رکي،
منجهس رھجي ويل چوکن کي در گذر ڪرڻ
وڌيڪ موزون لو ڏسجي ۔ “
ٽنهنجي متعلق صفائي پيش ڪندي ، مسٽر ايلس،
ان مهاڳ ۾، رقمطراز آھي تہ :-
” ھن صفائي پيش ڪرڻ جي کا ضرورت
کا نہ آھي، تہ ھن ڊڪشنري جي سموري
سٽاء مواد جو حصول ۽ انجون حسن خصوصيات،

سڀ آنجهاني ڪئپٽن اسٽئڪ جون مرهون-منت آهن. ٻي ڪنهن به چيز لاءِ منهنجي دعويٰ ڪا نه آهي، سواءِ انهن غلطين درست ڪرڻ جي، جيڪي لاشعوري طور تي، ان مسوده کي، پريس جي حوالي ڪرڻ وقت درست ڪرڻ ۾ آيون هيون. اها به هڪ حقيقت آهي، ته مڙلي وٽن جا ناالاءِ "علم - نباتات" سان تعلق رکندڙ لفظ آنجهاني "ڊاڪٽر اسٽاڪس" جا موجود ڪيل آهن، جيڪو صاحب ان مضمون ۾ ڪافي مهارت رکندڙ هو."

ڪئپٽن اسٽئڪ جيءَ ڊڪشنري، 'سنڌي-ديوناگري' لپيءَ ۾ ڇپائي هئي، تنهن بابت مسٽر ايلس لکي ٿو ته:-

"هن ڊڪشنريءَ کي "ديو - ناگري" لپيءَ ۾ پيش ڪرڻ بابت، ڪئپٽن، منهنجي ٻهرين "انگريزي - سنڌي ڊڪشنريءَ" ۾ مختصر خيال پيش ڪيو آهي، پر ان مان انجي مڪمل وضاحت معلوم ٿي نٿي سگهي. مبادا هن جي ان خيال کي غلط سمجهيو وڃي، انڪري هتي آءٌ انجي پوري وضاحت ڪريا نٿو، ته ڪيترن موقعن تي، ڪئپٽن مونکي ٻڌايو ڏيندو رهيو هو، ته "ديو - ناگري" لپيءَ ۾ سنڌس ڊڪشنري

چپائڻ جو خيال، عام سنڌي-خواندن جي استعمال لاءِ نہ، پر اهڙن آفيسرن جي ڪتب آڻڻ لاءِ آهي، جيڪي هن ڪان اڳ اهڙن ڪتابن کي ڪم آڻيندڙ آهن، مگر منهنجو رايو آهي، تہ هي ڪتاب، عام شاگردن جي استعمال لاءِ پيش ڪيو ويو ها. جيتوڻيڪ ڪتاب ۾ ڪيتريون غلطيون رهجي ويل آهن، تنهن هوندي بہ ”ڪئپٽن اسٽئڪ“ جي انجام ڏنل محنت کي تحسين جي نگاهن سان ڏٺو ويندو ۽ خاص طور تي سول-ملازمين ۽ ملٽريءَ جا عملدار، جيڪي سنڌي-سکڻ جا خواهان هوندا، سي هن جا وڏيڪ ممنون ۽ مشڪور رهندا. مان اهو بہ يقين سان چوانٿو، تہ ايندڙ وقت جا ”سنڌي-ڊڪشنري نويس“ پڻ، ڪئپٽن صاحب جي پيش ڪيل مواد جا ٿورائتا رهندا ۽ اها پڻ قوي اميد رکي ٿي سگهجي، تہ هن خطي جو عوام پڻ، هن پهرين ”سنڌي-ڊڪشنريءَ“ جي ليکڪ جي ڪوشش ۽ محنت جو قدر ڪندو.“

هيءَ ڊڪشنري، سادا ۹ ۽ ٦- انچ سائيز ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ جي وفات کان پورو هڪ سال پوءِ، ٢١- ڊسمبر ١٨٥٤ع تي، بمبئيءَ جي ’امريڪن-مشن پريس‘ مان، ٤٣٨- صفحن ۾، ڇپجي ظاهر ٿي هئي ۽ ان جو

مهاڳ - مسٽر ايلس پاڻ ساڳئي ڏينهن تي لکيو هو.

ڪئپٽن موصوف جي مذڪور لغت، بلاشڪ، سنڌ جي ماڻهن لاءِ، هڪ ”سنگ ميل“ جي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اِهائي اُها شروعاتي لغت هئي، جنهن ملڪي چاهي غير ملڪي عالمن ۽ تعليم يافته ماڻهن کي، اسان جي سڀاجهڙي زبان سان روشناس ڪرايو هو، الڪري آلجهاني ڪئپٽن، اسانجي نگاهن ۾، وڏي عزت ۽ آفرين جو لائق ۽ حقدار آهي.

هن صاحب انگريزن جي هڪ مذهبي ڪتاب: ”گاسپل آف سينٽ ميٿيوز“ - (Gosspil of Saint Mathews) جو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جو انوقت سنڌ جي مشن اسڪولن ۾ پاڙهيو ويندو هو.

ميجر ايف - جي - گولڊ سمڊ

سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ ١٨٥٣ع ۾ سنڌي - زبان جي موجوده لپي يا آئيويٽا جي رائج ٿيڻ ۽ دستور ۾ اچڻ کانپوءِ، جن ڌارين اديبن، اسان جي ادب ۽ مادري زبان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ اڻٿڪ ۽ قابل قدر ڪوششون ورتيون هيون، تن مان "ميجر ايف-جي-گولڊ سمڊ" (Major, F.J.Goldsmid) جو مان، جان تان مٿاهون آهي ۽ هن صاحب جون سنڌي - ٻوليءَ جي باري ۾ سر انجام ڪيل ڪارگذاريون، اسان ۽ اسانجي آئينده اولاد ۽ نسل طرفان، سونهري لفظن ۾ لکڻ ۾ اينديون .

هي صاحب، انگريزن جي اوائلي دور ۾، سنڌ جو "اسسٽنٽ ڪمشنر" ۽ تعليم - کاتي جو "آفيسر انچارج" مقرر ٿي آيو هو. سال ١٨٦٠ع ۾، هن صاحب جي بي لوث محنت ۽ زبردست ڪوشش سان، ١٧٠- صفحن تي مشتمل، هڪ مستند ۽ شاندار : " **سنڌي - گرامر** "، ٨ - ١٢ انچن جي سائيز ۾، ڇپجي ظاهر ٿيو هو، جنهنکي هن وقت به سنڌيءَ جو هڪ مڪمل ۽ معتبر گرامر ڪري تسليم ڪيو وڃي ٿو .

ميجر موصوف جي ٻاران، هن ڪتاب جي منڍ ۾،



ميجر ڪولب سمٿ جي ڇپايل

”سنڌي - گرامر“ جو هڪ اندريون ورق.

introduced are at least out of place. For my own part I confess to see no harm in catering to the ... taste for hard words and intricate Arabicisms, provided they open the door to the understanding of simple Grammatical principles. It is when they are learnt by rote for mere repetition that the "pabulum" is undigested.

Sanction to the disbursement was given by the Board and confirmed by Govt. letter, No. 1464, of the 19th August 1867. The book is intended chiefly for Vernacular Schools, but is recommended to the notice of all English students of Sindhi, who seek a critical knowledge of the language, especially in its [illegible] form.

میجر ایف - جي - گولڊ سمٿ جي ڇپایل
"سنڌي - گرامر" جي انگریزي مهاڳ جو هڪ ورق.

گرامر جي نڪتهء نظر کان، انگريزي زبان ۾، ڪن سنڌي - جملن ۽ لفظن جون سمجھاڻيون ڏنيون ويئون آهن، جنهنڪانپوءِ، ٻورن ٩- صفحن تي، انجو 'ٻيش-لفظ' ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ لائق مصنف، نئين الف - ب، سنڌي زبان ۽ ٻنهنجي گرامر جي ڇپائڻ جي مطلب ۽ مقصد تي، سير حاصل تبصرو ڪيو آهي.

هن صاحب، اهو ٻيش لفظ، ١٦- اپريل سن ١٨٦٠ع تي لکي ٻورو ڪيو هو ۽ انکانپوءِ اهو ڪتاب 'ليٿو پريس' تان ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ ان کي، سال ١٨٤٧ع جي، ڇپائيءَ جي ايڪٽ نمبر ٢٠- موجب، مرڪزي سرڪار وٽ رجسٽر ڪرايو ويو هو.

هيءَ هڪ واضح حقيقت آهي، ته هن کان اڳ، يعني سال ١٨٥٤ع ۾، حيدرآباد جي انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر: "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ" جو هڪ ضخيم سنڌي-انگريزي گرامر جو ڪتاب، ڇپجي ظاهر ٿيو هو ۽ هنڪانپوءِ ٻي، جرمنيءَ جي هڪ عالم - فاضل ۽ مشهور مستشرق: "ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ" (Dr. Ernest Trumpp) سال ١٨٧٢ع ۾، ٻنهنجي طرفان هڪ انگريزي - سنڌي گرامر شايع ڪرائي، ملڪ جي عامي - ميدان تي آڻي ظاهر ڪيو هو، پر انهن ٻنهي ۽ ميجر موصوف جي گرامر جي درميان هڪ وڏو فرق ۽ تفاوت هي موجود آهي، ته انهن جا ذڪر ڪيل گرامر، عربي - سنڌيءَ

جي بجاءِ انگريزي - ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن، ڀر
ميجر موصوف جو مذڪور گرامر؛ سواءِ ٻيش لفظ ۽ ڪن
سمجهاڻين جي؛ سمورو عربي - سنڌي الف - ب ۾ لکيل
آهـــي ۽ انجي اهـا ڳالهه ۽ خصوصيت، انکي، اسانجي
سنڌي - علم و ادب ۾، اچـا ڀـه هڪ اوچـي ۽ متاهين
منزل تي ٻيهاريو بيٺي آهي.

ميجر موصوف، مذڪور گرامر جي "ٻيش لفظ" ۾
جيڪي ڪجهه لکيو آهـــي، تنهن مان ٻڙ اسان ڪـــي،
پنهنجي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ انجي بنيادي حقيقت جي
پوري پوري ڄاڻ پوي ٿي ۽ ان لحاظ کـــان جيڪڏهن
انجي ان مهاڳـــ کي، اسانجي زبان جو **"اوائلي دستاويز"**
ڪوٺيو وڃي، ته ان ۾ ڪو ڀـــه مبالغو يا وڌاءُ نه ٿيندو.

ميجر موصوف، ان ٻيش - لفظ ۾، هڪ هنڌ، صحيح
راءِ جو اظهار ڪندي، ڄڻائي ٿو ته:-

"اسان سنڌ جي "سرڪاري-زبان" عربي-سنڌي
سمجهونٿا .... عربي - سنڌي الف - ب جـــي
تاريخ، اسان کي يقيني طور تي ڄڻائي ٿي، تـــه
اها پورين صدي هجري ۽ عربن جـــي ڪاهه کان
ڀـــوءِ، ٿوري گهٽي، ملڪ ۾ ضرور رواج هيٺ
آيل هئي .... انهيءَ صورتخطيءَ ۾، ڪجهه
ڪتاب، سهٽي نمونې ۾، ڇپيل آهي. ان نڪتهٔ
نگاهه کان جلد اها لپي، سن ۱۸۵۴ع واري مقرر

ڪيل صورتخطيءَ جي جڳهه والاريندي، جيڪا
سر بارٽل فريئر جـــي هدايتن مطابق، مسٽر ايلس
طرفــ ان تيـــار ڪرايل ۽ ليٿـــو گراف ذريعي
ڇپايل آهي ."

اڳتي هلي، هي صاحب، سنڌي - گرامر جي ضرورت
جي باري ۾، لکي ٿو ته :-

" ڪابه ٻولي لکي ۽ ڳالهائي وڃي، تنهن لاءِ،
قدرتي طرح، هي نهايت ضروري آهي، تـــ اها
گرامر جي قاعدن موجب سيکاري وڃي. سنڌ ۾،
گرامر جو اهڙو ڪو بـــ ڪتاب، ڏيهي ٻوليءَ ۾
ڪونهي، سواءِ "منشي آتارام" جي پمفليٽ
جي، جنهن لاءِ ان کيرون لهڻيون، ۽ ان کي ئي
شروعاتي - سنڌي گرامر جو بنياد سمجهيو وڃي
ٿو، پر اهو تمام ننڍڙو ۽ مختصر آهي، انگريزي
انـــڪري " ڪلاس - بوڪ " طـــور ڪتب آڻـــي
نٿو سگهجي ."

پر ڏيهي عالمن - فاضلن ٻاران، هن کان اڳـــ ۾ لکيل
سنڌي - گرامرن جـــي نسبت وري ميجر موصوف، هيٺين
چاڻايو آهي :-

" اهڙيءَ طـــرح انگريزيءَ ۾ جيڪي گرامـــر
شايع ڪرايل آهـــن، سي پوريءَ طرح مڪمل
سنڌي نٿا سگهجن، البت انهن مان ٻـــ مونکي

پسند آهن، جن مان هڪ "مسٽر ميٿيوز" (Mr. Mathews) جو آهي، جيڪو سر سري طور تي، آوازن جي سمجهائڻ لاءِ لکيو ويو آهي ۽ ان ۾، رواجي طور تي، پارسي - گرامر جو طريقو استعمال ڪرڻ ۾ آيو آهي، ۽ ٻيو گرامر آنجهاني: "ڪئپٽن - اسٽئڪ" جو لکيل آهي، جو تازو آهي ۽ فقط انهن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو، جيڪي "ديو - ناگري" ٻوليءَ جا ڄاڻو آهن."

ميجر موصوف، پنهنجي گرامر بابت وري هيئن ٿو فرمائي :-

"حساب ۽ جاگرافي وغيره جا ڪتاب، هنڪان اڳ ئي ٻين حضرات جي طرفان سنڌيءَ ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب به پڙهڻ لاءِ، سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن ۽ هينئر ٻيو قدم، گرامر لکڻ لاءِ، کڻڻ گهرجي."

ميجر گولڊ سمٿ جي مسلسل ۽ ڏينهن رات جي ڪوشش ڪارڻ، جڏهن اهو گرامر پوريءَ طرح لکجي تيار ٿيو، تڏهن پاڻ، ان متعلق، جيڪو پهريون قدم کنيائين، تنهن بابت رقمطراز آهي ته :-

"٢٨- سپٽمبر ١٨٥٨ع تي مون، ان گرامر لاءِ "ڪمشنر صاحب" کي لکيو، ته هي گرامر جي

اڻاديت متعلق آءٌ فقط هي چئي سگهانٿو، تہ اهو
تڪڙ ۾ لکيل ۽ گڏ ڪيل آهي، اڪري ان کي
ڪا وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪونہ ٿي سگهجي،
باقي اڳتي هلي، هي گهٽ ۾ گهٽ، هن باري
۾، وڌيڪ لکڻ لاءِ ميدان هموار ضرور ڪندو ۽
ترڪيب ڪرڻ جا قانون سيکاريندو. منهنجو
شخصي رايو آهي، تہ هن گرامر جو سنڌي-اسڪولن
۾ ابتدائي طور، رائج ڪرڻ، فائدي وارو ٿيندو.
ازالسواءِ هي اثرائتي ترتيب ۽ شاگردن هي عام
معلومات لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو. "
مذڪور گرامر تي "نظر ثاني" ڪرڻ متعلق، ميجر
موصوف لکيو آهي تہ:-

"هن گرامر جي قدر کي پرکڻ لاءِ، منهنجي
ڪوارٽر تي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي ويئي، جنهن
۾ نارمل - اسڪول، ڪراچيءَ جو ماستر:
منشي ننديرام سيوهڻ وارو ۽ ڪليڪٽر جي
آفيس جو منشي - رضا محمد موجود هئا. مون
گرامر جو مسودو انهن جي حوالي ڪيو، تہ جئين
هو پنهنجي پاران ان تي تبصرو ڪري سگهن،
پر اهو طريقو، مطلوب مقصد لاءِ، ڪمائتو ثابت
ٿي نہ سگهيو، جنهنڪري مون اهو قلمي نسخو،
ترميم ۽ تصحيح لاءِ، ميان محمد ذاتهن

موڪلي ڏنو.“

ان ٻيش لفظ جي پڇاڙيءَ ۾، ميجر موصوف لکيو آهي ته:-

”مون هن مسودہ کي، چڱيءَ طرح، نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ڇڏڻ ڪرڻ لاءِ، سرڪاري ايئر نمبر ١٩٦٩، مورخ ١٩- اگست ١٨٥٩ع سان، سر بارٽل فريئر، منظوري ڏيڻ فرمائي آهي.

هن ڪتاب جو خاص لاڳاپو ابتدائي اسڪولن سان آهي، پر هن لاءِ هيءَ به سفارش ڪئي ويئي آهي، ته اهو انگريزي پڙهندڙ سنڌي-شاگردن کي به پڙهڻ گهرجي، ته جئن انهن کي تنقيدي نڪته نظر کان، ٻوليءَ جي پوري ڄاڻ ٿئي ۽ ڪين دفتري-سنڌي سمجهڻ ۾ مدد ملي.“

هن مڪمل ۽ نادر روزگار گرامر کان علاوه، ميجر موصوف، سنڌ مان، ”سسئي-پنهون“ جا بيت ڏئي ڪري ۽ انهن کي پوري ترتيب ۾ آڻي، سن ١٨٦٣ع ۾ ڇپائي ڇڏرو ڪيو هيو ۽ انڪانپوءِ، انهن ساڳين بيتن جو هڪ ٻيو ڪتاب به شايع ڪرايو هئائين، جنهنجي هڪ طرف سنڌي-بيت ۽ ٻئي طرف انهن جو منظوم-انگريزي ترجمو موجود هو! هن صاحب جو هي شعري ترجمو سليس ۽ دل کي وڻندڙ ۽ پسند پوندڙ آهي.

هن ڪتاب جو ٻيون ۽ آخرين بيت هي آهي :-

"ٻنهي آءُ ٻيهي ، سوڙهي پاڻيءَ ۾ منهين
اندر باغ بهاريا، پها ميوا منجهيئي
اتو نور نبيءَ جو، تيا سرها سيئي
ڪيچ خبر پيئي، تنهنهون پريءَ سان مليوا"

ميجر موصوف جي هنن ڪتابن کي، قديم سنڌي-ادب ۾ هڪ بلند مقام حاصل آهي ۽ اهل سنڌ هنجي انجام ڏنل ڪارنامن کي سدائين تحسين ۽ احترام جي نگاهن سان ڏسندا رهندا.

هنڪانسواءِ، جڏهن سال ١٨٥٤ع ۾، سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان، سنڌي-عربي الف-ب وجود ۾ آئي، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو ڄار پکڙيو ويو هو، تڏهن پڻ هن صاحب، ان باري ۾ ڪافي کان زيادهه دلچسپي ڏيکاري هئي ۽ هن سلسلي ۾، جڏهن ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر : "ڪئپٽن پريڊي" (Capt. Preedy)، سال ١٨٤٦ع ۾، ڪراچيءَ ۾ ۽ حيدرآباد جي ڪليڪٽر : "مسٽر راٿبورن" (Mr. Rothborn)، سال ١٨٤٥ع ۾، حيدرآباد ۾ "هاءِ اسڪول" کوليا هئا، تڏهن هي صاحب ئي هو، جنهنجي ذاتي ۽ مسلسل ڪوشش ڪانپوءِ، سال ١٨٤٦ع ۾، "شڪارپور" ۾ پڻ هڪ "ڏاڏوي - مڊل اسڪول"

جو بنياد رکيو ويو هو، جو ٿيو، ١- مارچ ١٨٧٣ع تي، ڊري "گورنمينٽ هاءِ اسڪول" بڻيو ۽ ان جو پهريون هيڊ ماستر، سنڌ جي مشهور عالم، اديب، مصنف، شاعر ڊرامه نويس ۽ انشاءَ پرداز: "شمس العلماءَ ميرزا قليچ بيگ مرحوم" جو وڏو ڀاءُ: "ميرزا صادق علي بيگ" مقرر ٿي آيو هو. هي صاحب ڪجهه وقت حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ اخبار "سنڌ- سڌار" جو ايڊيٽر به ٿي رهيو هو ۽ سنڌ جو پهريون مسلمان هو، جنهن ١٨٧٣ع ۾، بمبئي يونيورسٽيءَ مان، بي- اي جو امتحان پاس ڪيو هو.

هن اسڪول ۾ سنڌ جو محب وطن ۽ مشهور سياسي رهنماءُ: رئيس غلام محمد ڀرڳڙي به، سن ١٨٨٩ع ۾، ماستر ٿي رهي ويو آهي ۽ سال ١٨٩١ع ۾، ڪيس شڪارپور جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ ان بعد وڪالت جو امتحان پاس ڪيائين ۽ حيدرآباد هليو ويو.

ياد رهي، ته سن ١٨٨٣ع تائين، سنڌ ۾ صرف ٽي ضلعا: ڪراچي، حيدرآباد، ۽ شڪارپور، وجود ۾ آندل هئا ۽ ان سال تائين اسانجو مشهور تاريخي شهر شڪارپور، ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي حيثيت رکندڙ هو ۽ ان جي مجموعي اراضي نو هزار ٻه سؤ چوهتر ميل ۽ آدم شماري اٽڪل ساڍا ٻارهن لک هئي!

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (Dr. Ernest Trumpp)، ٣- مارچ، سن ١٨٢٨ع تي، جرمنيءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ: "ايلز فيلڊ" (Elezfield) ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ ڪڙمي هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن، گذر اوقات لاءِ، واڍڪو ڪم به ڪندو هو. والدين، علم پرائڻ لاءِ، هنکي مقامي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، جتي ڇهو وڇي آيو، ته هن جي، ان زماني ۾، ڪن 'خانه بدوش' ۽ 'رولو قسم' جي قبيلن سان واقفيت ٿي، جنجي صحبت ۾ رهندي، هنکي انهن جي ٻوليءَ سان دلچسپي پيدا ٿي. انهن خانه بدوش ماڻهن کي، انگريزيءَ ۾ "جپسي" (Gipsy) ۽ پارسيءَ ۾ وري "لوليان" يا "لوريان" سڏيو ويندو آهي ۽ تاريخ نويس ۽ ٻولين جو ابياس ۽ تحقيق ڪندڙ حضرات چاڻائين ٿا، ته انهن "لورين" يا خانه بدوش ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ اصل اسانجو "سنڌ" ملڪ هو ۽ ان لاءِ "لوري" جو سنڌي لفظ ثابتي طور پيش ڪيو ويچي ٿو، جنهن مان وري ڇهو وڇي لو ته "الور" لفظ نڪتو آهي.

ڊاڪٽر موصوف کي، حقيقت ۾ انهن خانه بدوشن

هي ٻوليءَ ۾ چاهه وٺڻ واري جذبي ئي، هن برصغير جي مختلف ٻولين جي ڏسڻ ۽ اڀياس ڪرڻ تـــي مجبور ڪيو ۽ هن جـــو اهو جذبو، اسڪول ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ واري وقت کان موجود ٿي ڏٺو.

١٨٤٨ع ۾ هي صاحب جرمنيءَ جي آزاديءَ جـــي تحريڪ (Libral Moevment) ۾ شريڪ ٿيـو، جنهن سبب ڪجهه وقت لاءِ جيل ۾ ڪاٽڻو پيس! ترنگ مان بند خلاص ٿيڻ بعد، جرمني ڇـڏي، سٽنزر لينڊ جـــي رستي، برطانيه ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ٿرري وقت ڪانپوءِ انگريزن جي " انڊيا - آفيس " ۾، اسسٽنٽ لئبريرين جي جڳـــهه ملي ويس، جنهن تـــي ڪـم ڪندي، هـــن صاحب مشرق جي مختلف زبانن جو پاڻ وڌيڪ مطالعو ۽ اڀياس ڪري ورتو.

هن صاحب جي، مشرقي زبانن سان هوڙي شؤق ۽ دلچسپيءَ کي ڏسندي، انگلنڊ جي 'چرچ مشن - سوسائٽي' (Church Mission Society)، هنکي، مشرقي زبانـــن جي مزيد تحقيق ۽ تدقيق لاءِ، ڪراچي وڃڻ جو حڪم ڪيو، جتان هو پهريائين بمبئيءَ ۾ آيو ۽ في الحال اتي اچي " ائنلڪن چرچ " جو پادري بڻيو ۽ اتيجي رهائش دوران پارسي - زبان ۾ ايتري تـــہ مهارت حاصل ڪري ورتائين، جو ان ۾ انگريزيءَ جي **"ڪامن پرائمر بوڪ"** (Common Primer Book) جو ترجمو ڪيائين.



باكتۇر ئرنوست تىرمىب

(شانى جىي رسالي مىو ئورنون -جىپيرلىندى)

سوروھىنىدىز ۋ چىۋاتىندىز

فصل پهريون

ڪو ڀنڀور ڪيچ آئم آروچن سو
ڇڏ ڀنڀوري ڀنڀور ڌمو جيئن نه ونڌري

۲

ڀنڀوران ٻهر ٿيئي مون جي ساد ڪيا
سي جي عوت سمان ئي عوندا نه ونڊ ٻڪري

۳

ڀنڀور جي ڏکين مون ڪيئي سانيئا ڪيئارا
تارڪي سان ڏکين تان ڪي ڏونگر ڏوريان

۴

بهتر ڀنڀوران ڀاڄو تان آيو
آڪي هين ماڳان سڙين سور پرائيا

۵

بهتر هيئي ڀنڀور مين دوزخ حو ڏونهو
سارو سونهو نعتي بورج سسئي

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي ڇپايل
''شاه جي رسالي'' جو هڪ ورق

ڪجهه وقت ڪاڻپوءِ، هي صاحب، پنهنجي بنيادي پروگرام موجب، ڪراچيءَ ۾ آيو، پر انهيءَ آب - هوا هن تي خراب اثر ڪيو، جنهن سبب جلد بيمار ٿي پيو، جنهنڪري "چرچ - مشن" طرفان هنکي، علاج جي خيال سان، فلسطين ڏانهن موڪليو ويو، جتي هن وري عربي - زبان جو ابياس ڪري ورتو.

فلسطين ۾ رهندي هنجي، هڪ انگريز خاتون سان ملاقات ٿي، جنهن سان آخر سن ١٨٥٦ع ۾، شادي ڪيائين، جنهن مان هنکي هڪ پٽ به ڄائو هو.

هي صاحب ١٨٥٨ع ۾ وري ڪراچيءَ موٽي آيو، جتي وري هنجي گهر واري بيمار ٿي پيئي ۽ آخر گذاري ويئي! سال کن رهي، هي وري جرمنيءَ ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ٻي شادي ڪري، وري سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ ڪيترو وقت اچي حيدرآباد ۾ رهيو، جتي رهندي، هن وري سنڌي - زبان جو اينرو ابياس ڪري ورتو، جو سن ١٨٦٦ع ۾ "شاهه جو رسالو" هٿ ڪري ۽ پاڻ سنڌي - عربي فارسي - طرز جي "الف - ب" جي "اوهي-ٽائيپ" وجود ۾ آڻي، ان جي ذريعي، لائيپٽنگ جي "بروڪ هائوس ڪمپني" (Brooke House - Company) جي وساطت سان، انکي جرمنيءَ جي "ليپزگ" شهر مان ڇپائي پڌرو ڪيائين! هي حضرت شاهه صاحب پنائيءَ جي رسالي جو پهريون ڇاپو

هو، جيڪو ڪنهن لوهي - پرنٽنگ، پريس مان ڇپجي، عوام جي هٿن تائين پهچي چڪو هو! مذڪور ڇاپو، جنهن ۾ "علامہ ابوالحسن" جي عربي - فارسي - سنڌي لپيءَ ۾ ڇپايو ويو هو، انڪري ان کي هنوقت سولائيءَ سان پڙهي نٿو سگهجي. هي رسالو ڪل ١٢١٨- صفحن تي مشتمل آهي؛ ان ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام جا ڪل ٣٧- سر بيان ڪيا ويا آهن.

هن کان اڳيں، يعني ١٨٥٨ع ۾، حيدرآباد ۾ رهندي، هن هڪ ڪتاب : **"سنڌي ريڊنگ بوڪ - ان دي سنسڪرت اينڊ عربڪ ڪئريڪٽرس"** (Sindhi Reading Book - in the Sansikrat and Arabic Characters) جي نالي سان، لنڊن جي هڪ پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن ۾ **"سورٺ - راءِ ڏياچ"** جي قصي جا هيٺيان بيت درج ٿيل آهن، جنجي باري ۾ چيو وڃي ٿو، تہ اهي ڪن قديمي سنڌ جي شاعرن جا چيل آهن :-

منٽ مچ تون مڱڻا، تون وٽ ڪنهين سان ڪوٽ
اماهہ ڏيانءِ اٺ تور يا، تون ماڻڪ وني موٽ
جو گهٽين سندو گهوٽ، سو ڪيئن مارين تون، مڱڻا!

ڪوٽ سونهارا ڪنگرا، تنهنجي پير سڪ
لوڙي ڏارين سين، جهوري ڪر يونس جوڪ

ڀيڻونس ڀاڙي جي ڄڻان، تاڏي ڏيونس ٽڪ
چاڙهي ڪريونس چڪ، اتي ريلا وهايونس رت جا!

هل تہ چارڻ تو ڏيان، ٻرين ٻنولا ٽي
تازي طويلن مان، جي ڀانئين سي ني
محب منهنجي کي، مٺو گهر نہ، مڱڻا!

انهيءَ ساڳئي ڪتاب ۾، "**مينگهي ڀڳت**" جا بہ ڪي سلوڪ ڏنا ويا آهن، جن مان هڪ هيءُ آهي:-

نوڙي جيڀ نام کي، ڇڏي گيرب گاءُ
جنم ڀاڳ جڳ ۾، سمجهوي ڏس سماءُ
هٿائون همراءُ، ٽيندءِ ڪنٽب منجهان ڪينڪي!

هن ڪتاب ۾، ٽرمپ صاحب، مسيحي مذهب جي تبليغ جي خيال سان، مقدس بائيبل جا 'ڏهہ حڪم' بہ شامل ڪيا آهن.

ڪجهہ عرصي کانپوءِ، حيدرآباد مان هي صاحب، ٻيڙيءَ تي چڙهي، سنڌونديءَ جي رستي، ٢٢- ڏينهن جي مسلسل مسافريءَ کانپوءِ، لاهور پهتو ۽ اتان وري پشاور ويو، جتي "**پشتو زبان**" جي ٣- هفتن جي پڙهائيءَ کانپوءِ، ماڻهن آڏو، ان زبان جي ذريعي، پنهنجي

عيسائي مذهب متعلق وعظ ڪندو رهيو! الڪانپوءِ ”ڪافرستان“ علائقي جا ٽي ماڻهو هٿ ڪري، پاڻوٽ ملازم رکيائين، جن کان وري انهن جي قبيلي جي ٻولي سکي، ان تي مقالا لکڻ شروع ڪيائين! ان دوران ”براهوي - زبان“ تي بہ ڪافي دسترس حاصل ٿي چڪو هوس.

پشاور ۾ رهندي، هنجي طبيعت وري خراب ٿي پيئي، جنهنڪري لاچار پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ويو ۽ اتيجي هڪ شهر: ”اسٽگارٽ“ ۾ وڃي رهيو ۽ اتي بہ مشرقي - زبانن جي تحقيق و تدقيق ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏيائين! سال ١٨٦٤ع ۾ وري ”پلنگن“ نالي هڪ ننڍڙي شهر جي ديول جو ”پادري“ مقرر ٿيو. اتي پنهنجي زندگي عزيز جا پورا ٦- سال گذاريائين ۽ ان وچ ۾ ڪيترا ڪتاب پڻ لکيائين ۽ پنهنجي مذهب جو پرچار بہ ڪندو رهيو. هنوقت تائين سندس جرمن گهر واريءَ مان کيس ٢- پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ڄمي چڪيون هيون.

سن ١٨٧٠ع ۾، هنکي ”برطانيہ - سرڪار“، سکن جي مذهبي ڪتاب: ”گرو - گرنٿ“ جي انگريزيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ، هندستان ڏانهن موڪلي ڏنو. سال ڏيڍ لاهور ۾ رهي، پنهنجي سونپيل ڪم کي انجام تي پهچائيندو رهيو، پر سال ١٨٧١ع جي پڇاڙي ڌاري،

وري جرمنيءَ ڏانهن موٽي ويو ۽ ١٨٧٢ع ڌاري، مذڪور ٽرنپ کي انگريزيءَ ۾ مڪمل طور تي ترجمو ڪري، ان کي سن ١٨٧٧ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين.

سن ١٨٧٢ع ۾، هن صاحب، هڪ "سنڌي-گرامر" پڻ، "انگريزي - ديوناگري" آئيوينٽا ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جو جملي ١٣٠- صفحن تي پکڙيل آهي. هن گرامر جي "پيش - لفظ" ۾، هن صاحب، سنڌ ۾ نئين رواج ۾ آندل سنڌي-عربي الف - ب ۽ انجي صورتخطيءَ تي دل کولي بحث ڪيو آهي.

ڪجهه وقت هي صاحب، "ٽيوبنگن-يونيورسٽي" ۾، مشرقي - زبانن جو ريڊر ۽ اسسٽنٽ پروفيسر به ٿي رهيو ۽ انکانپوءِ، سن ١٨٨٣ع ڌاري، هنکي جرمنيءَ جي "ميونخ - يونيورسٽي" (Munich University) ۾، سامي - ٻولين جي تعليم ڏيڻ لاءِ، پروفيسر جي جڳهه ملي ويئي. اتي ئي هن صاحب عربيءَ جي گرامر "اجروميه" جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان جي شرح لکي! انوچڙ "حبشي - زبان" به سکي ورتائين ۽ انتي پڻ مقالا لکيائين! انهيءَ عهدي تي رهندي ئي، تاريخ ٥- اپريل، سن ١٨٨٥ع ۾، ٥٧- ورهين جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو.

هي مشهور معروف مستشرق ۽ يڪتائي روز گار عالم، پنهنجي مادري زبان: "جرمني" کانسواءِ، انگريزي،

فرانسسي ۽ لاطيني زبانن جو ٻڙ وڏو ماهر هو ۽ آفريڪا کنڊ جي حبشي زبان کان علاوه، مشرق جي سنڌي، عربي، ڦارسي، پنجابي، پشتو، سنسڪرت، بروهي ۽ ڪافرستان علائقي جي ٻولين تي به گهڻو دسترس حاصل هوندو هيس ۽ انهن ٻولين ۾ هن بي شمار ڪتاب، مقالا ۽ حاشيه لکيا !

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جـي رسالي ۽ سنڌي - گرامر جي ڇپائڻ سبب، هن صاحب گويا اسانجي مادري - زبان ۽ سنڌي - علم و ادب کي، برصغير جي هڪ محدود ۽ گهٽيل ماحول مان ڪڍي، ان کـي يورپ ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن سان روشناس ڪرايو هو ۽ انهن کي اسانجي علم و ادب ۽ تهذيب و تمدن تي گويا ڪجهه وڌيڪ لکڻ ۽ مزيد تحقيقات ڪرڻ تي هر ڪايو ۽ آماده ڀڻ ڪيو هو ۽ ان ڪوشش ۽ احسان سبب، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نالو، تازيست، اسان سنڌين جي سينن تي اڪريل رهندو.

سر جان بيمس

سر جان بيمس (Sir. John Beames)، ٢١- جون سن ١٨٣٧ع تي، انگلنڊ ۾ ڄائو هو. سن ١٨٥٨ع ۾ ملازمت جي سلسلي ۾، هندستان ۾ آيو ۽ سن ١٨٥٩ع کان سن ١٨٦١ع تائين، اٽڪل ٣- ورهيه، پنجاب ۾ رهيو. ان کانپوءِ بينگال بدلي ڪيو ويو، جتي هو جدا جدا هنڌن تي، ڪمشنر ۽ روينيو بورڊ جو ميمبر وغيره ٿي رهيو.

هڪ اعليٰ سرڪاري منصب تي فائز هوندي به، هي صاحب روزانو ٢- ڪلاڪ، سخت پابنديءَ سان، ڪتابن جي پڙهڻ ۽ هندستان جي علمي- ادبي حالات تي سوچ ويچار ڪرڻ تي، صرف ڪندو هو.

پاڻ هڪ هنڌ ڄاڻايو اٿس، ته مونکي ڏيهي ادب جي تحقيق ۽ مطالع جو شوق، "مسٽر- رابرٽ ڪالڊ ويل" (Mr. Robert Cald Well) جي هڪ تقابلي گرامر (Competative Grammar of the Dravidian or — (South Indian, Family of Languages جي پڙهڻ کانپوءِ پيدا ٿيو ۽ آرين ٻولين تي پنهنجي پاران خيال آرائي

ڪرڻ جو خيال جاڳيو، جنھن کي پايہ تڪميل تي پھچائڻ لاءِ، مان ڪيترن پرديسي عالمن ۽ اديبن سان مليس ۽ انھن کان ان ڪم ۾ مدد وٺڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيم، پر انھن ۾ خير ڪي ڪامياب ٿيس. نہ فقط ايترو، پر منھنجي شوق ۽ ذوق کي پوري ڪرڻ لاءِ، ڪنھن منھنجي ٿلهي همت افزائي ڪرڻ جي تڪليف بہ گوارا نہ ڪئي! ھن ڪانپورءِ، پنھنجي خواب جي تعبير لاءِ پنھنجو پاڻ تي پاڙيم ۽ پڪو ارادو ڪري، پنھنجي ڪم کي لڳي ويس!

ھو صاحب وليڪ چاٽائي ٿو، تہ شروع ۾ جن ڪتابن کان مون مدد ورتي، تن ۾ نہ فقط ڪيترين بنيادي ۽ قبيح غلطيون موجود ھيون، پر اھي گھڻو ڪري منجھيل ۽ بي ترتيب بہ ڏسڻ ۾ پئي آيا، انڪري انھن جي مطالع کان منھن موڙي، ملڪ جي مزدورن، ھارين نارين ۽ عام ماڻھن سان ملڻ ۽ دور دراز جاين تي وڃي ملاقاتون ڪرڻ لڳس: گويا ھي ھن جو ھڪ "فيلڊ-ورڪ" ھو، جو ھن صاحب عملي طور تي انجام تي ڏنو.

ھن سلسلي ۾، ھن صاحب، ملڪ جي اتر-اولھ جي دور دراز علائقن جو پڻ دورو ڪيو ۽ اتي جي مختلف مقامي ٻولين جو تحقيقي جائزو ورتو ۽ انھن جي باري ۾ سچر حاصل معلومات حاصل ڪيائين. ھن باري ۾

ھن ڊاڪٽر ارليسٽ ٽرمپ ۽ سر جارج اسٽڪ جي لکيل ڪتابن مان ڀرط وڏو فائدو ورتو.

سنڌي زبان متعلق لکي ٿو، تہ اها ھن ڪتابن جي ذريعي سکي ۽ انَ بابت ڊاڪٽر ٽرمپ جي تحرير ڪيل ڪتابن کي خاص طور تي پنھنجي آڏو رکيائين.

ڊاڪٽر ٽرمپ، پنھنجي ھڪ مشھور گرامر ۾، سنڌي ٻوليءَ جي اوڀن (Dialects) کي ٽن - سري، وچولي ۽ لاڙ - حصن ۾ ورھايو آھي، پر ھي صاحب، ان کان بہ گھڻو اڳتي وڌي ۽ پنھنجي عملي آزمودي ۽ عيني مشاهدات موجب، پنھنجي مشھور تصنيف :

”ھندستان جي جديد زبانن جو ھڪ تقابلي گرامر“ — (A Competative Grammar of the Modern Languages of India) ۾ لکي ٿو، تہ سنڌي زبان ۾ اڃا بہ گھڻيئي لھجا موجود آھن ۽ انجي خيال موجب، سنڌ ۽ پنجاب جي سر زمين تي، ھر ڏھن ميلن جي پنڌ تي، ٻوليءَ جو لھجو ڦري ٿو ۽ ان نڪتئہ نگاھ کان ھن صاحب جو اھو مشاھدو ڪيڏو نہ حقيقت تي مبني آھي.

ھي صاحب پنھنجي مٿين راءِ جي تائيد ۾ لاڙ جو مثال پيش ڪندي، لکي ٿو، تہ لاڙ ۾، اُر ۽ ڪچ جو پاڇو پرط اچي وڃي ٿو، پر انھن جي ٻوليءَ جو طريقو لھجو پنھنجو پنھنجو آھي، انڪري سنڌ ۾ ٻوليءَ جي

مستقل حد بندي ڪرڻ، هڪ مشڪل ۽ محال امر آهي.

اڳتي هلي، هن صاحب، پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾، سنڌي لفظ؛ ”هتي“ (There) جا، ديو ناگري - زبان ۾ ١٣- نمونا پيش ڪيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح وري سنڌي لفظ ”مان“ (I) جون ٽي صورتون بيان ڪري ٿو ۽ انهن ۾ ڄاڻائي ٿو ته ”مان“ جو لفظ اڪثر ”شڪارپور“ ۽ سري واري پاڱي ۾ مروج آهي.

هي صاحب، پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾، سنڌي زبان بابت لکي ٿو، تہ هن ۾ گويا ڪيترائي جهنگلي گل (Wild Flowers) موجود آهن، جن جي فطرتي سونهن ۽ دلڪش راحت جهڙا محسوس ڪئي آهي، سا هندستان جي اوپرندي طرف وارين ٻولين ۾ ڀنهه ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي!

هن صاحب جو مٿي ڄاڻايل ڪتاب ٻن جلدن ۾ موجود هو، جن مان پهريون جلد، سن ١٨٧٢ع ۾، لنڊن مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو ۽ ان ۾ سنڌي، پنجابي، هندي، گجراتي، اڙيا، مرهٽي ۽ بنگالي زبانن جي باري ۾ عالمانہ ذڪر ۽ بحث مباحثو ڪيو ويو آهي ۽ هندستان جي مذهب ۽ فلسفي تي پڻ دل کولي روشني وجهڻ ۾ آئي آهي.

هن ڪتاب جو ٻيو جلد ”گرامر“ تي مشتمل آهي ۽ اهو سن ١٨٧٥ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو ويو هو. هن ۾

اسم، ضمير، صفت، حرف علت، جنس، عدد، حالت ۽ صحيح تلفظ وغيره تي محققانه بحث ڪرڻ ۾ آيو هو ۽ ڪن جاين تي، ولديڪ صفائي ۽ وضاحت پيش ڪرڻ لاءِ، فارسي، ديو ناگري ۽ انگريزي لفظن کان به مدد ورتي ۾ آئي آهي؛ هن وقت هي ٻئي ڪتاب اڻلڀ آهن.

هن صاحب، هڪ ٻيو ڪتاب، سن ١٨٦٩ع ۾، هندستان جي فلسفي بابت پڻ لکيو هو ۽ ”مسٽر ايچ - ايليٽ“ (Mr. H. Elliot) جي هڪ ڪتاب نالي (Supplement Glossary of Indians) کي پڻ ترتيب ڏنو هئائين.

هن صاحب جا ”جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، بينگال“ ۽ ”امپريل ايشياٽڪ ريو“ ۾ ڪڏهن وقت بوقت، علمي، ادبي ۽ معلوماتي مضامين ڇپبا رهندا هئا.

سن ١٩٠٢ع ۾، برطانيه ۾ وفات ڪيائين. هن صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل تصنيفات کي، برصغير جي عالمن ۽ فاضلن ۾، تحسين جي نگاهن سان ڏٺو ۽ عزت و احترام سان بيان ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طور تي هن صاحب عملي مشاهدات تي مبني، اسانجي سنڌي زبان تي، پنهنجي ڪتابن ۾، جيڪو بيش بها مواد پيش ڪيو آهي، تنهنکي اسان ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿا سگهون.

سر جارج ابراهم گريئرسن

سر ڊاڪٽر جارج ابراهم گريئرسن (Sir, Dr. — George Abraham Grearson) ، انڊين سول سروس جو ماڻهو ۽ هندستان جي انگريز سرڪار وٽ، هڪ اعليٰ عهدي تي فائز ٿيل، آفيسر هو. هي صاحب "ڊبلن - يونيورسٽي" جو فارغ التحصيل ۽ اتجي مشهور عالم - فاضل استاد: "پروفيسر - ائٽڪنسن" (Prof. Atkinson) جو لائق فائق ۽ پيارو شاگرد هو.

هن صاحب، سن ١٨٨٨ع کان، ملڪ کي "بينگال رايل ايشياٽڪ سوسائٽي" (Bengal Royal - Asiatic Society) سان منسلڪ ڪري، پورن ويهن ورهين جي متواتر ڪوشش ۽ ڪاوش سان، برصغير جي اٽڪل پنج سؤ بولين (ڀاشائن) ۽ انهن جي شاخن (اپڀاشائن) جو، پورن يارهن وڏن ۽ ضخيم جلدن ۾، تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ انهن مان ڪيترا جلد ته پن پن ۽ ٽن ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن ۽ انهي سموري مواد جو نالو: "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" (Linguistic Survey of India) (هندستان جي زبانن جو جائزو) رکيو اٿس.

ڊاڪٽر موصوف، پنهنجي هن لا ثاني ۽ لا فاني تصنيف

۾، هندستان جي آرين جي ٻولين ڪانوٽي، ڀيلن، سنٿالن، دراوڙن، هماليہ جي قبائلين، سرحد جي پارسي زده ٻولين ۽ خانہ بدوش قبيلن جي زبانن جو ٻڌ تفصيل سان جائزو ورتو آهي ۽ انهن جي بيان ڪرڻ وقت، ڪيترين ڏيهي ٻولين جي آکاڻين جا، انگريزي ترجمي سان، مثال بہ پيش ڪيا اٿس.

هن صاحب جو هي ٻورو ڳڌ ڪم ۽ لکيل مواد، سال ١٩٠٨ع کان سال ١٩٢٧ع تائين، ڪلڪتي مان ڇپجي ظاهر ٿيو هو. انهيءَ ضخيم ۽ شاندار تصنيف جي اٺين جلد جي پهرئين ڀاڱي ۾، اسان جي سنڌي ۽ ملتاني ٻولين جو احوال ڏنو ويو آهي، جن مان خاص طور تي ”سنڌي - زبان“ متعلق جيڪي ڪجهہ هن صاحب لکيو ۽ ڄاڻايو آهي، اُتي هليي، صرف انجوئي ذڪر ڪيو ويندو.

سر گريئر سن، ان ڀاڱي ۾، سنڌ جي ٻولين بابت لکي ٿو، تہ انگريزن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ ۾، سنڌي - زبان جا اٽڪل ويهارو کن رسم الخط موجود هئا، جن مان رومن، ديوا - ناگري، خدا بادي، شڪارپوري، ساکرو، لهاڻڪو، ڀاٽيڪو، لاڙائي، ونگائي، راجائي، خواجڪو، ٺٽائي، حيدرآبادي، سيوهاڻي ۽ ڏاکڻو لنڊا، مکيہ آهن.

هن صاحب، پنهنجي هن مشهور معروف تصنيف ۾، سنڌي - زبان جي عمل دخل جي باري ۾، سنڌ جي

جاگرافيءَ جي حدود کي پاسيرو رکي، انجي طبعي ۽ اثر رسوخ وارن حصن ۽ علائقن جو مفصل بيان ڪيو آهي، جو اڄ ب، هوبهو ۽ عين بعين اهڙوئي بيهو ڏيکارجي، جهڙو هن صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان، چاٽايو ۽ بيان ڪيو آهي. هو صاحب، سنڌي - زبان جي حدود جي باري ۾ چاٽائي ٿو ته :-

”سنڌي جيتوڻيڪ خاص سنڌ علائقي جي زبان آهي، پر ان هوندي ب، هوءَ پنهنجي بي اندازمقبوليت ۽ اعليٰ حيثيت سبب، پنهنجي صوبي جون حدون لتاڙي، پنهنجي اوسي پاسي ۽ پر وارن صوبن تائين پرڻ پکڙجي ويئي آهي ۽ انهن هنڌن تي ب اهڙي ئي سڪ ۽ محبت سان ڳالهائي ۽ استعمال ڪئي وڃي ٿي، جهڙي هيءَ پنهنجي اصلوڪي وطن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي!“

هو صاحب اهڙن، سنڌي - زبان جي اثر هيٺ آيل اراضين جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو ته :-

”سنڌي، سنڌ جي اتر واري پاسي کان لنگهي، اتر - اولهه طرف، بلوچستان ۽ مڪران تائين وڃي پهتي آهي ۽ اوڀر پاسي هن جو اثر وري پنجاب ۽ بهاولپور وارن علائقن تي پرڻ پيل ٿو ڏسجي. بلوچستان صوبي جي پنهنجي مکيه زبان توڙي ”بلوچي“ آهي، تـا هم هن علائقي جو اهو

حصو، جيڪو هنن ٻنهي صوبن جي وچ ۾ بيٺل
ڏکڻ جبلن جي گهٽ اوچائيءَ واري هنڌ تي
بيٺل آهي ۽ جنهنجي ماڻهن جي آمدورفت،
بنا ڪنهن تڪليف جي، سنڌ طرف ٿيندي
رهي ٿي، تنهنجي ڪافي ماڻهن جي زبان 'سنڌي'
آهي ۽ هنجي اولهه - ڏکڻ واري پاڳي، يعني
چام جي "لس - ٻيلي" جي ماڻهن جي زبان
صرف: "سنڌي" ئي آهي!"

ان کان علاوه، ڏکڻ طرف هيءَ زبان،
"ڪڇ جو رڻ پٽ" ٽپي، خود "ڪڇ" جي
علائقي ۾ وڃي رسي آهي ۽ اتي هي ٻين زبانن
سان گڏ، روز مره جي ڪم ڪار ۽ ڪاروبار ۾،
باقاعدي استعمال ٿيندي رهي ٿي.

هيڏانهن ته هي اوڀر - ڏکڻ واريون جاگرافيءَ
جون تصوراتي سرحدون ٽپي، هن زبان
گجرات ۾ وڃي پڻ واسو ڪيو آهي ۽ اتي گجراتي
ٻوليءَ سان ڪاهي ۾ ملائي، پوري صوبه
جو سير ڪندي ڏني وڃي ٿي!"

سر موصوف جي هن بيان ۾ ڪيڏي نہ صداقت
سمايل آهي: اڄ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو، پنهنجي اکين
تان تعصب جا ڪوپا لاهي ۽ اندر مان پنهنجي ازلي ٻيائي
ڪڍي، اهو سنڌ جي ضلعي: "جيڪب آباد" کان

ٽپي، ڪوئيٽہ ۽ زيارت طرف ويندو ۽ هوڏانهن ڪراچيءَ جي بين الاقوامي ماحول مان نڪري، اس - ڀملي جو رخ ڪندو، تہ ڪيس، سر موصوف جي ڪيل بيان جي حقيقت ۽ صداقت پوريءَ طرح معلوم ٿـي ويندي ۽ هيڏانهن ان ڀـاري ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي طرفن کان لڏي آيل مهاجرين کـان هـن حقيقت جي تصديق ڪري سگهجي ٿي ! ملتان ۽ ڀهاولپور جي طرف جـا ماڻهو پـڻ، سرائڪيءَ سان گـڏ، سنڌي - زبان پڻ عام جام ۽ هر وقت ڪتب آڻيندا رهندا آهن . ازانسواءِ اڄ ڪالهہ سنڌ جو ٨٥ ۽ ٩٠- سيڪڙو عوام، پنهنجي أي زبان ڳالهائيندو ۽ پنهنجي لکپڙهہ ۽ خط و ڪتابت ۾ استعمال ڪندو رهي ٿو -

سر گريئر سن، هن ڀاڱي ۾، سنڌ جي فطري ۽ طبعي ٽن ڀاڱي، يعني سري، لاڙ ۽ وچولي جو بيان، اهڙي تہ تفصيل ۽ وضاحت سان ڪيو ويو آهي، جو اڄ بہ انهن ڪنهن تبديل ۽ تيرقار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪالہ ٿي ڪئي وڃي ! انکانسواءِ هن ڀاڱي ۾، هن صاحب، انوقت سنڌ ۾ مروج ۽ متي ذڪر ڪيل سورهن رسم الخطن جو عالمانہ نموني سان ويهي تجزيو ڪيو ۽ انهن جي متعلق تفصيلي بيان ڏنو آهي .

سنڌي ٻوليءَ جـو، ٻين وارين ٻولين ســان موازنہ ڪندي، هـي صاحب، سنڌي ٻوليءَ جون، ٻولين جي

لحاظ سان، هي حدون چاڻائي ٿو :-

”سنڌي زبان جون حدون، اولهہ ڏي بلوچي، اتر ڏي ملتاني ۽ اوڀر ڏي گجراتي زبانن سان وڃي لڳن ٿيون.“

هن ياڱي جي آخر ۾، سر گريئرسن، سن ١١-١٩١٠ع واري آدم شماريءَ موجب، سنڌي - ٻوليءَ جي انون ڳالهائيندڙن جا الڳ اکر پڻ پيش ڪيا آهن، جيڪي انوقت سنڌ کان ٻاهر ۽ هندستان جي جدا جدا علائقن ۽ رياستن، جهڙوڪ :- وچن علائقن، برار، بهار، بمبئي، مدراس، ميسور، حيدرآباد دکن، اوڙيسا، گڏيل علائقن، بمبئي ريزيڊنسي جي جدا جدا راڄواڙن ۽ رياستن ۽ بينگال جهڙي دور دراز ديسن ۾ رهندڙ هئا! هن صاحب پنهنجي هن جائزه ۾ ”سنڌي“ لفظ تي پڻ سير حاصل تبصرو ڪيو آهي.

مطلب ته سر گريئرسن جو، اسان جي سڀاجهڙي سنڌي - زبان متعلق پيش ڪيل هي عالمانه ۽ فاضلانه جائزو، پنهنجي مٽ پاڻ آهي ۽ انجي مطالعي کانپوءِ، انجي چاڙايل حقيقتن ۽ انصاف پسنديءَ آڏو، اسانجو سر، عزت ۽ احترام جي جذبي ماتحت، خود بخود جهڪي ۽ هيٺ ٿي وڃي ٿو ۽ اسان کي آخر هيءَ حقيقت، بنا ڪنهن خوف ۽ تردد جي، تسليم ڪرڻي پوي ٿي، ته ڪنهن به قوم ۽ قبيلي آڏو، انجي

علم و ادب ۽ تهذيب و ثقافت کي زور ۽ زبردستيءَ سان
فنا ڪرڻ ۽ انهي منائڻ سان، سورهيائي ۽ ناماچاري
حاصل ڪري نٿي سگهجي، پر انهي حقيقتن کي ميڙڻ
۽ انهي خصوصيات کي ساراهڻ سان ئي اها دستياب
ٿي سگهي ٿي! دعا آهي ته شل خداوند ڪريم، اسان
جي ملڪ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي دلين ۾، هن ڪلي
۽ فطرتي اصول کي قبول ڪرڻ جي همت ۽ جرأت
پيدا ڪري. (آمين)

ڪئپٽن ايم - آر هيگ

ڪئپٽن ايم - آر - هيگ (Capt. M. R. Haig)، هڪ فوجي آفيسر هو ۽ ڪيس اوڻيهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، سنڌ ڏانهن موڪليو ويو هو. هي صاحب هڪ وڏو عالم، جاگرافيدان، تاريخنويس ۽ عام - معلوماتي معاملن ۽ مسئلن سان خاص دلچسپي رکندڙ شخص هوندو هو.

هن صاحب، اوڻيهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾، سنڌ جي متعلق هڪ بيش بها ۽ ڪافي معلومات سان ڀريل ڪتاب، نالي: (Indus Delta Country)، يعني "سنڌ و ماٿريءَ جو ملڪ" جي عنوان سان، انگريزيءَ ۾ تحرير ڪيو، جيڪو پوءِ سن ١٨٩٤ع ۾، سوئٽزر لنڊ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

هن گرانقدر ڪتاب جا ڪل ٩- باب آهن، جي مصنف جي اظهار خيال مطابق، جدا جدا وقتن تي، سنڌس پاران لکڻ ۾ آيا هئا. هن ڪتاب مان، سنڌ جي جاگرافي، رهڻي ڪهڻي، محل و قوع، سڪندر - اعظم جي سنڌ تي ڪاهه وقت، ملڪ جي حالت ۽ هن سر زمين بابت، مشرق جي عالمن ۽ جاگرافي نويسن جا رايا، معلوم

انهن لاءِ ۽ هنن خصوصيتن سبب، اڄ به ڪيترن هيڪ هي هن ڪتاب کي، حوالي ۽ سند طور ڪتب آندو ويندو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪافي نقشا وغيره به مهيا ڪيا ويا آهن، جنجي ذريعي هن خطي جي ڀوڳ ۽ جوڙ جڪ کي، آسانيءَ سان ۽ پوريءَ طرح پروڙي ۽ چڱي نموني ۾ سمجهي سگهجي ٿو.

هن تصنيف جي ٽيئين باب ۾، ٿرپارڪر ضلعي جي عمر ڪوٽ شهر کانوٺي ڪراچيءَ تائين پکڙيل سرزمين جو بيان ڪرڻ ۾ آيو آهي ۽ ان ۾ بدين، ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو، ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر وغيره به اچي وڃن ٿا. ان باب ۾ سنڌ جي ٿرپارڪر ۽ لاڙ واري ڀاڱي جي ڄاڻ ڏيڻي ۽ ان حصي ۾ آڳاٽي دؤر وقت جيڪي سامونڊي بندرگاهه وغيره موجود هئا، تنجي اپٽار نقشن وغيره جي مدد سان ڪرڻ ۾ آئي آهي.

ڪتاب جي ٻئي باب ۾ وري، يونان جي شهنشاهه: ”سڪندر اعظم“ جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ کان اڳ، جيڪا ملڪ ۽ ماٽريءَ جي حالت ٻڌيل هئي، تنهنجو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. ٽئين باب ۾ وري يونانين جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ انهن جي سرانجام ڏنل ڪارگذارين جو تذڪرو موجود ٿو ڏسجي ۽ اهي جن جن جاين تي ويا، تنجو وستار پڻ ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي چوٿين باب ۾، هن ماٽري ۽ ملڪ بابت،

مشرق جي عالمن ۽ مصنفن جا رايا ۽ تاثرات ڏنل ۾ آيا آهن ۽ پنجين باب ۾ وري مشرق جي جاگرافيدانن جا، هن ماڙيءَ جي وسطي خواه لاڙ واري حصي جا، عام جاگرافيءَ جي نقطهءِ نگاه کان، ڪيل بيان ۽ خيال درج ڪيا ويا آهن.

ڇهين باب ۾، هندستان تي مسلمانن جي ٻي چڙهائيءَ جو بيان ڪيو ويو آهي: انوقت سنڌ، منصوره ۽ ملتان جي ٻن - ڀاڱن ۾ ورهايل هئي ۽ عراق تي 'عباسي- خاندان' جو تسلط قائم ٿيل هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ، سنڌ جو ٻريون ڀاڱو، پنهنجي اصلوڪي ۽ قديمي نالي: "سنڌ" سان سڏجڻ ۾ آيو ۽ ٻيون "پنجاب" سان وڃي مليو، جيڪا حيثيت اڄ به ان کي حاصل آهي.

ڪتاب جي ستين- باب ۾ وري، سر زمين هند تي، يورپي جوڳيزن جي آمد جو احوال ڏنو ويو آهي. ياد رهي، تہ هندستان تي غاصبانہ قبضي ڄمائڻ لاءِ، يورپي جوڳيزن، ڊچ ۽ فرينچ، انگريزن جا مکيہ رقيب ۽ حواري هوندا هئا ۽ انگريزن جي هن ملڪ ۾ اچڻ کان اڳ، انهن قومن جي هتي آمدورفت شروع ٿي هئي ۽ انهن هندستان جا ڪيترا ساحلي علائقا هٿ ڪري، اتي پنهنجي واپار وغيره جون ڪوٺيون کولي ڇڏيون هيون ۽ هندستان جي ڏيهي راجائن ۽ مسلمان حڪمرانن جي درميان نفرت ڦهلائڻ ۽ انهن کي هڪٻئي ۽ خود انگريزن خلاف مدد

ڏيڻ جو دستور ۽ رواج پڻ انهن قومن ئي وڌو هو!

ائين باب ۾ وري هسن صاحب، ٩٢-١٥٩١ع ۾ لوئر سنڌ ۾ انگريزن جي حيثيت ۽ فوج وغيره جي موجود هئڻ جو بيان ڪيو آهي. هي تاريخ جو اهو دؤر هو، جڏهن مغربي ماڻهن ۽ يورپ کنڊ جي مختلف، حڪومتن جون حرصي ۽ لالچي نگاهون، هن برصغير جي طرف اُتيل هيون ۽ انهن مان هر هڪ جو اهوئي ارادو هوندو هو، ته هو سڀ کان اڳ هن ملڪ ۾ پهچي، ان تي پنهنجو غاصبانہ تسلط ڄمائي سگهي!

هن ڪتاب جي ٻوئين باب ۾ وري، لوئر سنڌ جي اوڻيهين صدي واري حيثيت ۽ حالت جو بيان ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي سناء ۽ تفصيل مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ انگريزن جو اوائل ۾ سنڌ جي هن مکيہ ساحلي علائقي ڏانهن ئي سمورو توجہ ڇڪيل هوندو هو، ڇو تہ انهن کي هميشہ مغربي قومن ۽ ملڪن جي سامونڊي ڪاهن جو خطرو ۽ خدشو لاحق هوندو هو ۽ خود انگريز بہ چاهيندا هئا، تہ هو پنهنجي زبردست سامونڊي آرماڙ جي زور تي، هن برصغير جي سمورن سامونڊي بندرگاهن تي پورو پورو قبضو ڄمائي، پوءِ ملڪ جي سموري پيداوار تي اچي ڇاپو هڻن ۽ اهڙيءَ طرح هن ملڪ جو سمورو سرمايو، پاڻ ڏانهن سيهيڙي وڃن!

ان کان علاوه، شايد ڪئپٽن موصوف بہ گهڻو وقت ان
ساحلي علائقي تي فائز ٿيل ٿو ڏسجي، جنهن دوران هن
صاحب، ان ڀاڱي جو پورو پورو جائزو ورتو ۽ انجو
هر هنڌ گهمي، ان جو هن ۾ وچور ۽ تفصيل سان
احوال ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ هن صاحب، ثابتي طور، ڪيترا
نقشا بہ پيش ڪيا آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ هڪ
ضميمو بہ شامل ڪيو اٿس، جنهن مان مذڪور ڪتاب
جي غرض و غايت ۽ انجي مواد جو پتو پوي ٿو.

ڪتاب ۾ ڏنل نقشن مان، ڪراچيءَ جي ساحلي
حصن، يعني: ڪلفٽن، ڪماڙي، باٿ آئلنڊ ۽ جهازن
جي گوديءَ وارن هنڌن کانسواءِ، عربي سمنڊ جي هڪ
اوائلي شهر ۽ عربي سمنڊ ۽ سنڌو درياءَ جي ڇوڙ وٽ
قائم ڪيل بندر گاهه: "پٽالا" يا "پٽالين" جو بہ
محل و قوع معلوم ٿئي ٿو. ازانسواءِ انهن نقشن ۾
سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي کي بہ نمايان ڪري ڏيکاريو
ويو آهي.

ڪئپٽن هيگ، پنهنجي هن تصنيف ۾ ڄاڻايو
آهي، تہ سندس هيءَ ڪوشش، مڪمل يا هن خطي
بابت پوري پوري معلومات پهچائڻ جو ذريعو ثابت ٿي
نٿي سگهي؛ پر انجي ابتڙ هن صاحب جي الهيءَ
لکڻيءَ مان، هنجي ڪسر نفسيءَ جي واضح ثابتي ملي
ٿي، ڇو تہ هن صاحب، هن ڪتاب رسمي جيڪا

معلومات اسان تائين پهچائي آهي، تنهنکان وڌيڪ اسان، اڄ تائين، هڪ انچ بہ اڳتي سري نہ سگهيا آهيون ۽ ان تصنيف سبب، هن صاحب اسانجي دلين تي جيڪو اڻ مٽجندڙ نقش چڙهيو آهي، تنهنجو هن قلم جي نازڪ ۽ نفيس نوڪ سان بيان ڪرڻ، مشڪل ۽ محال آهي.



ڪتابن جي وچور

هن ڪتاب جي لکڻ وقت جن ڪتابن، رسالن، اخبارن ۽ مسودن کان مدد ورتي ويئي هئي، سي هي آهن:-

ڪتاب :-

الف - ب ڪيئن ٺهي (ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي)، سنڌي (لازمي) نصاب (نائون ۽ ڏهون ڪلاس)، سنڌو ماٿري ۽ ان ۾ رهندڙ قومون (سر رچرڊ برٽن)، بيت (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، سنڌي گرامر (ميجر گولڊ سمٿ)، سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري (ڪئپٽن اسٽئڪ)، رسالو شاهه جو (ڊاڪٽر ٽرمپ)، ايسپ جون آکاڻيون (ايلس) ۽ قديم سنڌ (ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي).

رسالا :-

ماهوار : اديون، نئين - زندگي ۽ اردو ڊائجسٽ.

اخبارون :-

الوحيد جو آزادي نمبر (سال ١٩٥٢ع)، روزانه "مهراڻ"، حيدرآباد، روزانه "حريت" ۽ "جنگ"، ڪراچي.

مسودا :-

سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقاء (حبيب الله ڀٽو).

هي ڪتاب ڦلپوٽو امداد علي ڪمپوزنگ ڪيو.

هي ڪتاب، مسٽر حبيب الله مولا بخش ڀٽو،
”مسڪين پبليڪيشن“، هرالُو مارڪيٽ شڪارپور ۾
طرفان، ڪوهنور پرنٽنگ پريس، اسٽيشن روڊ،
شڪارپور ۾ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.